ٽريڪٽ نمبر ۴۰۵ ۽ ۴۰۶

سري گورو نانڪ صاحب

جن جا جيون چرتر-۲

قيمت ۰-۰-۱

سالیانو چندو ۵ رپيا هندستان اندر ۽ ۷ رپيا هندستان کان ٻاهر

سال ۾ اٽڪل ستن سون صفحن جا ڌرمي ۽
پستڪي ڪتاب گراهڪن کي ڏجن ٿا.

ڇپائيندڙ:

سک ٽريڪٽ سوسائٽي،
۱/۰ سنڌ سيوا سمتي نگر
کولاڙا - بمبئي ۲۲.

The paper for this book is supplied by Titaghar Paper Mills Agent M/s. Girdharilal Davendar Kumar, Bombay at mill rate.

سوچنا

هن پستڪ سان ايشور جي ديا سان سوسائٽيءَ جو هندستان ۾ ٽيون سال شروع ٿيو. هن دفعي سال اپريل کان ٿو شروع ڪجي. گورو نانڪ صاحب جا جيون چرتر- ڀاڱو ۱ انعامي پستڪ طور ۽ ڀاڱو ۲ مي ۽ جون مهنن جي ٽرڪٽس طور ڏجي ٿو. ڪاغذ جا اگهه جنهن ڀوءِ لئي وڌي وڃڻ ڪري رسالن ۽ ڪتابن ڇپائڻ وارن لاءِ تمام ڏکي حالت ٿي پئي آهي. انڪري ڪترا رسالا بند ٿي ويا آهن ۽ ڪيترن وري چندا وڌايا آهن يا صفحا گهٽايا آهن، مگر سوسائٽي جنهن نه ڌنڌي جي خيال کان نٿي هلائي وڃي، تنهن اسين نڪو چندو ٿا وڌايون، نڪي صفحا ٿا گهٽايون، اُلٽو هن دفعي تمام اوچو ڀنو ڪم آندو اٿئون. اهو انڪري ٿي سگهيو آهي جو ٽٽا گهر پيپر ملس جي ايجنٽ مسٽرس گرداريمل ديوبند رڪمار اسان کي مل ريٽ تي ڪاغذ ڏنو آهي، جنهن لاءِ اسين سندن بلڪل شڪرگذار آهيون. اسين جهڙي نموني پنهنجو فرض پورو ڪري رهيا آهيون، سو گراهڪ پاڻ ڏسي رهيا آهن، هاڻي گراهڪن جو به فرض آهي ته هو پنهنجن مترن دوستن کي سوسائٽيءَ جو ممبر ڪري هر طرح هن ڌرمي سوسائٽيءَ کي همٿائين جنهن هوءَ آئينده پڻ وڌيڪ ۾ سندن سيوا ڪندي رهي.

سيڪريٽري

هر ڪنهن قسم جي سٽائينڊرڙ
ڪنگهه - ليس - زڪام لاءِ

ڪئسٽوفبن ڪمپنيءَ جون

تيار ڪيل

COUGH-TABS.

ٽڪيون واپرايو.

ڪـائـڻ ۾ سـوادي

هر ڪنهن هنڌان ملي سگهنديون.

❀ موڪا ❀

اندريان ٽوڙي ٻاهريان

پليڪان ملم ڪم آڻڻ سان هڪدم آرام ملندو.
ڪجهه ڏينهن لاڳيتو ڪم آڻڻ سان انجي
بنياد کـي ناس ڪـري ٿـي.
هڪ دفعو آزمائي ڏسو.

ڪئسٽوفبن

مئنيوفئڪچرنگ ڪمپني

بمبئي-١٨

ٻڪري سان پاڪر پاتو ۽ زار زار اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو.
صاحبن ڪجهه وقت ڪانپوءِ راءِ بلار جي ٻيرن تي ٻئي
هٿ رکيا، جا ڳالهه راءِ بلار کي نه وڻي ۽ چوڻ لڳو ته
”سري نانڪ ديو! تو قهر ڪيو جو مون جهڙي ڪسي
ماري ڇڏيءِ. مونکي توسان ملڻ جي چاهنا هئي ۽
اِها اندر جي اُڪير هئي ته توکي گهرائي تنهنجا چرن
چمندس، پر تو ته اُلٽو پيرن پئي مونکي گنهگار
ڪيو. هاڻي ته مونکي ڪو اُپاءُ ڪو نه ٿو سجهي،
جنهنڪري مان اهو گناهه پاڻ تان دفع ڪريان.“
ستگورن راءِ بلار کي فرمايو ته ”پيارا اوهين ڪو خيال
نه ڪريو، هڪڙو ته اوهين مونکان وڏا آهيو ۽ ٻيو ته
اوهين پريمي آهيو، تنهنڪري مونکي سديو پنهنجو
داس ڪري سمجهو.“

راءِ بلار ٻئي هٿ ٻڌي نمرتا سان وينتي ڪرڻ لڳو
ته ”هي خدا جا نُور! هي وليِ! تون سڀني شاهن جو
شاهه آهين. تون بي پرواهه، مهربان ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ
آهين. مهر ڪري منهنجا گناهه بخشي مونکي هن جهان
جي جنجال کان ڇڏاءِ.“ اهڙيطرح جڏهن راءِ نِيزاري
پئي ڪئي، تڏهن موهه جو انڌيرو هنجي من مان گهٽبو
پئي ويو. نيٺ ستگورو نماڻن جا ماڻ راءِ بلار کي چوڻ
لڳا ته ”پيارا، اوهانکي اول کان ڏاڍي ايمان بخشيو
آهي ۽ آخرت ۾ به اوهين سک پائيندا.“ راءِ بلار چيو
”منهنجا پيارا، منهنجو چت تڏهين پرسن ٿيندو، جڏهن

Printed by Pitamberdas Sahijram, at Kothari Printing Works, Sambava Chambers, Sir Phirozshah Mehta Road, Fort, Bombay, 1
Tele : 265315—263988
and Published by Shri Sumairsingh Secretary Sikh Tract Society, 10/1, Sind Sewa Samti Nagar, Kolwada, Bombay, 22.

گورو صاحب پوءِ اچي سڀا تي براجمان ٿيا ۽ ماتا پريتا به پٽ جي برهه ۾ وياڪل ٿي اُتي آئي ۽ منهن ڍڪي راءِ بلار جي اڳيان ويهي وينتي ڪيائين ته ”سائين! ڪيئن به اوهين منهنجي پٽ کي پاڙوت ڪريو.“ ائين چئي اکين ۾ پاڻي آڻي زار زار روئڻ لڳي. ايتري ۾ ڀائي ڪالوءَ ۽ ڀائي لعلو به اُتي آيا ۽ افسوس جا شيڪارا ڀري اُتي اچي ويٺا. راءِ بلار جو به من ڀرجي آيو ۽ هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته ”خاوند! جيڪا اوهان رهت ورتي آهي، سا نيڪ آهي، تڏهين به جنهن صورت ۾ اوهانجا ماءُ پيءُ ڏاڍا وياڪل آهن، تنهنڪري منهنجو ارادو آهي ته مان اوهانکي تن کوهن جيتري زمين ڏيان جا اوهين پوکايو ۽ اُنجي پيدائش مان ڏٽيءَ جي ٿالي تي لنگر هلايو. اها صلاح مونکي بهتر لڳي ٿي. آئينده جيڪا اوهانجي مرضي.“

صاحبن جواب ڏنو ته ”پيارا، جڏهين اِها ڳالهه منهنجي وس هجي ها ته مان ڪڏهن اِنهيءَ تي ويچار ڪريان ها، پر مان پنهنجي وس نه آهيان. مان اُنهيءَ ڪرتار جي حڪم پٺاندڙ ٿو هلان، جنهنکي جواب ڏيڻي نٿو سگهجي.“

پوءِ صاحب راءِ بلار کان موڪلائي پنهنجي گهر آيا. ڏينهن جو جهنگ ۾ ۽ رات جو گهر ۾ گذاريندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين راءِ بلار پاڻ وٽ گهرائيندا هئين ته هنکي

اوهين ڪرپا ڪري مونکي پنهنجا قدم ڇهڻ ڏيندا. پوءِ مان پاڻکي وڏ ڀاڳي سمجهندس ۽ تحقيق جڳت جي جنجال کان ڇٽي آزادگي حاصل ڪندس."

اُنوقت ستگورو پنهنجي پريميءَ کي پريم ۾ بلڪل وياڪل ڏسي فرمايو ته "راءِ صاحب اوهانجو چوڻ مونکان موٽايو نٿو وڃي. جئن اوهانجي مرضي هجي تئن ڪريو." راءِ بلار ويچار ڪيو ته ڀير پاڻين پرساد جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري هڪ نوڪر کي حڪم ڪيائين ته رسوئي ڪرڻ واري برهمڻ کي سڏي آڻ. رسويو اچي حاضر ٿيو، جنهنکي راءِ بلار چيو ته "مونکي اڄ خدا جو پيارو مليو آهي، سو بلڪل عمدا ڀوڄن تيار ڪري مونکي اطلاع ڏي ۽ پڻ هڪ ڪورو دلو پاڻيءَ جو ڀرائي رکج." چالاڪ برهمڻ جلد بلڪل سٺا ڀوڄن تيار ڪري راءِ بلار کي خبر ڏني. پوءِ راءِ بلار ستگورن کي سيجا تي وهاري پنهنجن هٿن سان سندن چرن ڌوئي ڪهن پاٺ شالا (ڀنڊاري) ۾ وٺي ويو، جتي برهمڻ کي تاڪيد ڪيائين ته "پرساد جدا جدا ٿالهن ۾ پائي اچ. جڏهين سوامي ڀوڄن کائي پرسن ٿيندا، تڏهين مان پنهنجو جنم سڦلو ڄاڻندس." اِتري ۾ برهمڻ عمدا ڀوڄن کڻي آيو ۽ صاحب ست نام چئي کائڻ لڳا. جئن جئن صاحبن گره پئي کنيو، تئن تئن راءِ بلار کي آنند پئي آيو. جڏهين پرساد کائي اُٿيا، تڏهين راءِ بلار هٿ جوڙي ويني ڪئي ته "هاڻي منهنجو منورٿ پورو ٿيو."

باب تيرهون

شيخ سڄڻ جو پرسنگ

گورو صاحب، ڀائي مردانو ۽ ڀائي بالو رٽن ڪندا ۽ ڪرتار جو جس لوڪن کي سڻائيندا هڪ نگر جي گهر آيا، جنهنجو نالو هو شيخ سڄڻ. هن هندن لاءِ مندر ٺهرايو هو ۽ مسلمانن لاءِ مسيت. هو ٻاهران ڏيکھن جو پنهنجن مزمانن کي ٻلڪل سکي رکندو هو، پر جڏهين رات ٿيندي هئي، تڏهن کين چوندو هو ته وڃي سمهو. هو ٻلڪل مضبوط ۽ جانٺو مڙس هو. رات جو هننکي ماري کلهي تي کڻي وڃي هڪ اونداهي کوه ۾ ڦٽو ڪري ايندو هو ۽ سندن مال ملڪيت قبضي ۾ ڪندو هو. ٻئي ڏينهن صبوح جو لٽ ۽ تسبيح (مالها) کڻي گهر کان ٻاهر نڪرندو هو ۽ هڪ ٿلهي تي غاليچو وڇائي ويهي بلند آواز سان بندگي ڪندو هو ۽ غريبن کي خيرات ڏيندو هو. ماڻهن جي لیکي ته شيخ سڄڻ هڪ پهتل فقير آهي. جڏهين گورو جن ۽ ڀائي مردانو ۽ ڀائي بالو اُتي آيا، تڏهن صاحبن جو چندرما روپي سندر چهرو ڏسي سمجهيائين ته هي ڌني پرش آهن ۽ هنن وٽان چڱا ڏوڪڙ هٿ ايندا. جڏهين رات ٿي تڏهين صاحبن جي سمهڻ جي جاءِ ماڙيءَ تي ڪيائين ۽ ڀائي مرداني ۽ ٻالي جي هيٺ. پوءِ ته ڀائي مرداني ۽ ڀائي ٻالي جا ڪن ڪائي ويو ته هلي سويل ئي آرامي ٿيو. صاحبن ڪيس چيو ته اَبا تڪڙ ڇاجي

ٻ پنهنجو درشن ڏيندا هئا. ڏينهون ڏينهن راءِ بلار جو نسچو صاحبن ۾ وڌندو ويو، جنهنڪري هو گهڻو ادب رکندا هئا. هڪ ڏينهن راءِ بلار صاحبن کي هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته ”سوامي، مونکي آتم سروپ جو گيان ڏيو.“ ستگورن پنهنجي پريتم کي آتم سروپ جو اپديش ڏيئي نهال ڪيو. پوءِ سکن جا ساگر ستگورو گهر موٽي آيا.

صاحبن تلونديءَ ۾ ڪجهه وقت گذاري، هڪ ڏينهن راءِ بلار کي چيو ته ”هاڻي اسانکي رخصت ڏيو ته اسين ٻئي طرف وڃون.“ اهو ٻڌي راءِ کين چيو ته ”مون لئي ڪا فرمائش رکي وڃو ته چڱو.“ تنهنتي صاحبن هن طرح فرمايو:-

”اِڪ فرمائش آکيئهِ، جو منتي سائي
جتي زور نه چلئي، ڪر جوڙ ڏيائي.“

هن ۾ گورو صاحب راءِ کي اُپديش ڏين ٿا ته ”هي راءِ جي، منهنجي هڪ فرمائش آهي سا مهرباني ڪري مڃو. اُها هيءَ آهي ته جنهن پرميشور وٽ اسانجو زور نٿو هلي سگهي، اُن وٽ هٿ جوڙي آرادنا ڪرڻ جڳائي.“ اِهو اُپديش ڏيئي صاحب اُتان روانا ٿيا ۽ وري وڃي پنهنجي جاءِ تي وينا. پوءِ صاحب ماءُ پيءُ کان موڪلائي، ڀائي بالو ڀائي مردانو ٻاڻ سان ڪري رٽن ڪرڻ لاءِ نڪتا.

اسانجو اندر ڪارو آهي. هن اگياني جيو پاپن روپي بار پنهنجي سر تي کنيو آهي، پر جم جو رستو تمام ڏکيو آهي. ظاهري اکين سان مان پرماتما کي ڏسڻ چاهيان ٿو، پر آءٌ اُنکي لهي نٿو سگهان، ڇو جو گيان روپي اکيون نه اٿم. تنهنڪري آءٌ ڪهڙي طرح اِنهيءَ واٽ کان چڙهي پار پوان؟ سچي دل سان چاڪري ۽ چڱائي ڪر- ڻيون سياڻپون ڪهڙي ڪم جون آهن؟ هي ڀائي، تون پرماتما جو نام ياد ڪر، جنهنڪري تون ٻڌل به ڇٽي ويندين.

شيخ سڄڻ هي شبد ٻڌي سهي ڪيو ته صاحبن منهنجو حال ڄاڻي هي شبد اُچاريو آهي. هن صاف ڏٺو ته ظاهري گورو صاحب سڀ اؤگڻ پاڻ سان لڳائين ٿا، پر هر هڪ اؤگڻ مون سان ئي ٿو لڳي اچي. ائين سمجهي هو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ پنهنجن ڪرتوتن تي زار زار روئڻ لڳو. هو ستگورن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ پنهنجا گناه ۽ اپراڌ بخشائڻ لڳو. گورو صاحبن فرمايو ته "هي شيخ سڄڻ! ڌڻيءَ جي دربار ۾ پرماتما جي ڪرپا هن طرح هٿ ڪري سگهجي آهي:-

(۱) سچي طرح سان گناه ڀاسڻ ۽ (۲) ڪيل گناهن جو عيوضي ڏيڻ." تنهنتي شيخ سڄڻ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "خاوند! منهنجي لاءِ دعا گهرو ته منهنجا گناه معاف ٿين." گورو صاحبن کي مٿس قياس پيو ۽ هنکان پڇيائون ته "شيخ، ٻڌاءِ ته تو ڪيترا خون ڪيا آهن؟" صاحبن تنهن کانپوءِ کيس چيو ته "اسانکي

لاتي آئيٿي؟ اسين پنهنجي مهل تي پاڻيهي سمجهنداسون-
صاحبن پوءِ ڀائي مرداني کي چيو ته رباب وڄاءِ ۽ پاڻ
راڳ سوهي محلا پهلا گهر (٦) شبد (٣) اُچاريائون، جنهنجو
تات پرج هيٺيون آهي:-

تات پرج

ظاهري طرح ڪنجهو ڏاڍو صاف ۽ چلڪيدار هوندو
آهي، پر اهو ڪنجهو گهڻ يا مهٽڻ سان مس جهڙو ڪارو
ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جيڪڏهين سؤ ڀيرا اُنکي ڪٽي
ڌوئبو ته به اُنجي ڪاراڻ نه ويندي. تهڙيطرح ظاهري
تون پاکنڊ ڪرين ٿو پر اندر ۾ کوٽ اٿيئي. سچا پچا
سڄڻ اُهي آهن، جي مون هلندڙ سان گڏ هلن ۽ جتي
ليکو گهرن، تتي کڙا ٿي ڏسڻ ۾ اچن يعني سهائتا ڪن،
اهڙو سڄڻ ته هريءَ جو نام ئي آهي.

ڪوٺيون، ماڙيون ۽ محلات جنجا پاسا چٽيل هجن
پر اَندر جا سکڻا هجن يعني ڪلر هجين ته اُهي ڊهڻ
بعد ڪنهن به ڪم نه ايندا. تهڙيطرح جن جيون ۾ کو
گڻ نه آهي، سي سکڻا آهن؛ اُنهن مان ڪو ڪارج نه
سرندو. بگهه بگيءَ وانگر هنکي اَڇا ڪپڙا آهن ۽
تيرٿن تي رهن ٿا ۽ جيون کي گهٽي کائين ٿا،
اهڙن کي پوتر چوڻ ۾ نه ايندو. سرير روپي سمل وڻ
کي طوطا (جيو) ڏسي ڀلجن ٿا، پر اُنجا ڦل ۽ ڦول
ڪم نٿا اچن. اُهي سمل وڻ وارا اوگڻ منهنجي تن ۾
آهن يعني اسين جيو ظاهري چڱا ڏسڻ ۾ اچون ٿا، پر

چوراسي سڌان کو آديس." اهو ٻڌي صاحب چيو ته "آد پرک کو آديس."

پوءِ ساري جوڳين جي منڊلي صاحب جي چوڌاري ويهي ويٺي ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته "جيڪر هڙو مهاپرش اسان جي مت ۾ اچي وڃي ته ڏاڍو چڱو." هو صاحب کي چوڻ لڳا ته "هي اپيشي! جيڪڏهين اوهين جوڳ جو مارگ ڌارڻ ڪندا ته هن ڀؤ ساگر کان تري پار پوندا." تنهنتي صاحب کين چيو ته "هي جوڳي! مونکي ٻڌايو ته جوڳ ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ساڌن ڪيون." انهن جواب ڏنو ته "جوڳين کي سڀ وستر لاهي، هڪ گودڙي پهري هٿ ۾ ڏنڊو کڻي، بت تي ڀڀوت لڳائي، مٿو ڪوڙائڻ گهرجي. تنهن کانسواءِ ڪن ڦاڙائڻ، سڱي وڄائڻ، تيرٿن تي اشنان ڪرڻ، مڙهين ۽ مساڻن ۾ رهي من کي مارڻ ۽ سماڌي لڳائي مايا کي تياڳ ڪرڻ، اهو آهي جوڳ. جوڳ ڪرڻ وارو پرش سڌ ڪري ٿيو وڃي ٿو."

جڏهين سڌن گورو صاحب کي جوڳ جو اهو طريقو ٻڌايو، تڏهين صاحب مرڪي کين چيو ته "آها، اوهان جي جوڳ جا ساڌن ٻڌايا، سي ٺيڪ نه آهن." ائين چئي صاحب پنهنجي آتما کي پرماتما جي آنند ۾ مگهن ڪري راڳ سوهي محلا پهلا شبد (٨) اچاريو، جنهن ۾ گورو صاحب جوڳين کي اپديش ٿا ڪن ته گودڙي پهرڻ، ڏنڊو کڻڻ ۽ ڀڀوت لڳائڻ کي جوڳ ڪونه چئبو آهي. اهڙيطرح ڪنهنجو چيلو بڻجي وار ڪوڙائڻ ڪري جوڳ

اُهو تِن مال ڏيکار، جو تو اُنهن کان ڦريو آهي." هن سمورو مال هلي ڏيکاريو، بلڪ خونن جا هڏا به ستگورن کي ڏيکاريائين. ستگورن ڪمس حڪم ڪيو ته سمورو مال غريبن ۾ ورهائي ڏي. شيخ سڄڻ ستگورن جو حڪم مڃيو ۽ اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي ستگورن جو داس ٿي رهيو. جنهن هنڌ اِها گفتگوءِ صاحبن ۽ شيخ سڄڻ جي وچ ۾ ٿي، تنهن هنڌ سکن جو پهريون گردوارو اَڏايو ويو.

باب چوڏهون
نانڪ مَتي جو ذڪر

گورو صاحب اهڙيطرح سفر ڪندا ڪندا "گورک مَتي" نالي آستان تي اچي پهتا، جتي گهڻا جوڳي رهندا هئا ۽ جتي گورک ناٿ جي گادي هئي. اُنهيءَ جڳهه جي ٻاهران، جو پپر جو وڻ هو، تنهن هيٺ صاحب وڃي ويٺا. جڏهن جوڳين صاحبن کي ڏٺو ته کين پتو ڪونه پيو ته هي ڪهڙي ورن ۽ آشرم جا آهن. اُنهن وڃي ستگورن کان پڇيو ته "سوامي! اوهانجو نالو ڇا آهي؟" صاحبن کين جواب ڏنو ته "هي سڌو! منهنجو نالو نانڪ نرنڪاري آهي." اِهو ٻڌي جوڳي سمجهي ويا ته هي اُهو تپشي آهي، جنهنجو جس اڄ ڪالهه هن ديس ۾ ڦهلجي رهيو آهي. هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ وڃي پنهنجي گوروءَ کي ٻڌايائون، جو يڪدم صاحبن وٽ آيو ۽ بلند آواز ۾ چيائين ته "آديس، گورکناٿ کو آديس،

مارگ پراپت ڪري ٿو.

اهو شبد ٻڌي سڀ جوڳي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته "هي مهاتما ڪو وڏو سڌ ڏسڻ ۾ ٿو اچي." ايتري ۾ هڪ پرٿم جوڳي، جو اڳ ئي ڀر شراب جي مستيءَ ۾ مگن هوندو هو، تنهن صاحبن کي چيو ته 'هي ٻالڪ! انهن ڳالهين سان تون مڪتي ڪانه پائي سگهندين. من کي جيتڻ لاءِ جوڳين جو سڀ کان سٺو رستو آهي شراب پيئڻ. تون جڏهين شراب جو پيالو پري پيئندين، تڏهين تون پنهنجا سنڪلپ وڪلپ روڪي جوگ مارگ ۾ استر ٿيندين.'

جڏهين صاحبن جوڳيءَ جي اها وارتا ٻڌي، تڏهن ڪنهن سچي شراب جو ورنن ڪري ٻڌايو. صاحبن انوقت آسا محلا پهلا شبد (٣٨) اچاريو، جنهنجو تاتپرج هيٺيون آهي.

تاتپرج

"هي جوڳي! گيان جو گڙ ڪريو ۽ واهگوروءَ جي ڌيان روپي "ڌاوا" وڻ جا گل ڪريو ۽ شڀ ڪرتي جو مصالحو ۽ چوڏي ڪٺي ڪريو. انهيءَ سامگريءَ کي ڀڳتي جي ڀٺيءَ ۾ چاڙهي، پريم جي اگڙي ڏيئي اهڙو رس ورلي جي امرت کي پنهنجي رديي روپي برتن ۾ وجهو. هي پيارا، رام نام رس جو پيالو پي من مستانو ٿئي ٿو ۽ سهجهئي رام جي رنگ ۾ رچي وڃي ٿو. هو رات ڏينهن اُن نشي ۾ مست رهي پريم سان لڳو لائي

نٿو ٿئي ۽ سنگي وڄائڻ ڪري جوڳ جي پراپتي نٿي ٿئي. سچ پچ ته جو شخص مايا ۾ اُداس رهي ٿو، سوئي سچو جوڳي آهي ۽ اهوئي پرماتما کي پائي سگهي ٿو. بهو ڳالهيون ڪرڻ ڪري جوڳي ٿي نٿو سگهجي. سچو جوڳي اهو آهي، جو پرماتما کي سڀ هنڌ پورڻ ڄاڻي ٿو.

ٽنهن ڪانسواءِ جوڳي اهو نه آهي، جو گهر ٻار ڇڏي وڃي مڙهي مساڻن وسائي، ڇو جو گدڙ ٻه سدائو مساڻن ۾ رهن ٿا، پر اهي جوڳي ڪونه ٿا ٿين. اهڙيطرح تيرٿن تي وڃي اشنان ڪرڻ سان ٻه جوڳ پراپت نه ٿيندو آهي، ڇو جو مڇيون ۽ ڏيڏر ٻه ته سدائو جل ۾ پيل آهن؛ تنهنڪري سچو جوڳي اهو آهي جو مايا ۾ نرليپ هي، سچي پرماتما سان لنو لڳائي رهي ٿو.

جيو کي گهرجي ته ستگوروءَ جي اوٽ وٺي پنهنجا پرم ۽ سدا نورت ڪري ۽ هن ڀٽڪندڙ من کي استر ڪري، جنهنڪري برهم آڪار ورتيءَ جي ڌارا جو امرت پيئي پنهنجي آتما ۾ پرماتما جو گيان پراپت ڪري. اهڙيطرح هو مايا ۾ اُداس رهي سچي جوڳ جو طريقو حاصل ڪري ٿو.

پيو ته سنساري وڪارن کان پاڪي جهڙيءَ ماري ڇڏي يعني نرواشنا ٿي رهي، تڏهن هو سچي جوڳ جي پد کي پائي سگهي ٿو. اهڙيطرح سنگي ٻه اها وڄائي جا پاٽيهي پيئي وڃي، جنهنڪري گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. اهڙيطرح هو مايا ۾ اَداس رهي سچي جوڳ جو

اهڙي قسم جو اُپديش ٻڌي ڀرٿر جوڳي سمجهڻ لڳو
ته هي مهاپرش پرم پد کي پهتل آهي. تڏهين ٻه وري
چوڻ لڳو "هي مهاپرشي! جڏهن اوهانجو انتهڪرڻ
سڌو ڪرتار جي سمرڻ ۾ لڳو پيو آهي، تڏهن اوهين
جوڳ جي ٻاهرئين نشان کي سرير ۾ ڌارڻ ڪريو ته جيڪر
کهڙي نه عمدي ڳالهه ٿي پوي! پوءِ لوڪ اوهانجو
جس ڳائيندا، تنهنڪري اوهين مندرائون پهريو، گودڙي
ي ڪيو ۽ هٿ ۾ ڏنڊو کڻو ته مڪتي مارگ هٿ اچو."

جڏهن صاحبن اِها وارتا ٻڌي، تڏهين فرمائڻ لڳا
ته "هي ناٿ! اوهين جي جوڳ جا ٻاهريان چهن ٻڌايو
ٿا، سي ته فقط جڳت کي ڏيکارڻ لاءِ آهن. پر جي
اوهانجي مرضي هجي ته اسين اوهانکي سهج جوڳ جا
ساڌن ٻڌايون." ائين چئي صاحبن آسا محلا پهلا شبد
(۳۷) اُچاريو، جنهنجو ناٿ پرچ هيٺيون آهي:-

ناٿ پرچ

"هي ناٿ! اهي مندرائون، جي ڪن ڦاڙائڻ بعد
پائي پاڻکي سڌ ڪوٺايو ٿا، سي ٺيڪ نه آهن. اوهين
گوروءَ جي اُپديش روپي مندرائن کي من روپي ڪن
۾ وجهو ۽ سهن شيلتا روپي گودڙي پنهنجي انتهڪرڻ
کي پهرايو ۽ جيڪي ايشور ڪري، تنهنتي راضي رهو
ته سهج جوڳ جو خزانو هٿ ڪريو. يڪتيءَ سان جسو
جيون آهي، سو جوڳ جو سچو مارگ آهي ۽ جنهنڪري
آتما جو پرماتما سان ميلاپ ٿئي ٿو. پرماتما سان ملڻ

اناهد شبد ٻڌي ٿو.

هي ڀائي! جو شخص اهڙو شراب پيئي ٿو، سو
سنساري ڪامنائن کان ڪٽو ٿي سچو پرش ٿي پوي ٿو
۽ هنجو چت روپي پيالو به پوتر رهي ٿو. پر اهڙو شراب
اُهو ئي پرش پيئي ٿو، جنهنتي اڪال پرک، پنهنجي
ڪرپا درشٽي ڪري ٿو. تنهنڪري جيڪي هن شراب
جا پياڪ آهن، سي اوهانجي خسيس شراب کي ڇهن
به ڪو نه ٿا.

هي جوڳي! هن سچي شراب جي شاهدي مهاتما
پرشن جي امرت روپي باڻي ڏيئي رهي آهي، انهيءَ
شراب پيئڻ ڪري هي پرش پرماتما جي درگاه ۾ قبول
پوي ٿو. جي پرش پرماتما جي درگاه جي درشن جا
پياسي آهن، اُنهنکي مڪتيءَ يا سرڳ جي ڪهڙي
پرواه آهي. مطلب ته اُهي انهن سڀن کي به تڇ
سمجهن ٿا.

اهڙا پرش جي سنسار کان وئراڳي ٿي اڪال پرک
جي ساراه ۾ مست رهن ٿا، سي اوهانجي پاکنڊن ۾
پئي پنهنجو جنم جوئا ۾ نٿا هارائين. هي پيارا جوڳي!
اُهي مهاپرش هن سچي امرت جي ڌارا ۾ مست رهن ٿا،
تنهنڪري مان اوهانکي سچ چوان ٿو ته. جيڪڏهن
اوهانکي شراب پي مست ٿيڻو آهي ته هن سچي شراب
کي پي مست ٿيو؛ باقي هيءُ گندو شراب، جنهن مان
پاڻ گهڻا وڪار جاڳن ٿا، سو پيئڻ ڇڏي ڏيو."

ڪر ڪمتر ۽ ٻين هندن رٿون ڪري ۽ لوڪن کي ست نام جو جاپ ڄپائي اچي هردوار پهتا، جتي انوقت ڪنڀ جو وڏو ميلو شروع ٿيو هو. اتي ڇهن ئي ورنن ۽ آشرمن جا لکين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا هئا ۽ پاپن جي نورتي لاء اشنان پئي ڪيائون. انهن جيتوڻيڪ پنهنجا سرير پئي صفا ڪيا، پر انهنجو اندر اپوتر هو ۽ سندن من پئي ڀٽڪيو. هنن جي ليکي ته سرير اوجل ٿيو ته ڌرم ٿي چڪو ۽ ٻي اندروني صفائي جو ڪو ضرور ڪونهي. اشنان ڪرڻ ڪانپوء انهن اڀرندي طرف جل جا ٻڪ ڀري پئي ترپن ڪيو. تنهن تي صاحبن ڪيترن کان پڇيو ته ڀائي، اوهين جو جل جا ٻڪ ڀري اڀرندي طرف ٿا ڦٽا ڪريو، سو ڇو ۽ انهن ڪرڻ مان اوهانکي ڪهڙو لاڀ پراپت ٿيندو؟

اهو ٻڌي اهي چوڻ لڳا ته "سوامي، اوهانکي سڌ نه آهي ته اسين سورج ڀڳوان ۽ پتر، جي سرڳ لوڪ ۾ نواس ڪن ٿا، تنکي ترپت ڪرڻ لاء ائين ڪريون ٿا." گورو صاحبن پوء کانئن پڇيو ته "پيارا، اوهانکي پڪ آهي ته اهو جل انهنکي وڃي پهچندو؟" تنهن تي انهن جواب ڏنو ته "بيشڪ اهو جل انهنکي وڃي پهچندو."

جڏهن صاحبن کي اهو جواب مليو تڏهن پاڻ اولهندي طرف پنهنجي گهر ڏانهن منهن ڪري جل جا ٻڪ ڀري ٻاهر ڦٽا ڪرڻ لڳا. اهو ڏسي ڪيترا ماڻهو صاحبن کي

ڪري هنجي امرت روپي گيان جي رس جو پوڳه هن جيو کي ملو تو. هي ناٿ! ست سنگ روپي اگريءَ ۾ اسٿر ٿي رهو ۽ واد ۽ ڪاپٽائون ٿياڳيو. سديو گورن جو شبد جپيو، اها سنگيءَ جي سوپڀيڪ ڏني آٿو ۽ ڏينهن رات ناد وڄائڻ آٿو. هي ناٿ جي! پيالو جو اوهانکي رکيو آهي، سو وڇار جو رکو ۽ گيان جي مت جو ڏنڊو کڻي وڪارن روپي ڪتن کان پاڻکي بچايو ۽ جيڪي ورتمان آهي، سو ناس سمجهڻ اها ڀڀوت مکي آنند ۾ گذاريو. هريءَ جو ڪيرتن پنهنجي رهت ڪريو ۽ گورن جي سکيا سان سڀ کان الڳ رهڻ يعني ڪنهن سان موهه نه رکڻ، اهو پنهنجو پنٿ ڪريو. هي پيارا، انيڪ درن آهن، پر جوت جا سڀئي ۾ وسي ٿي، سا سموري هڪڙي ئي آهي. هي پرٿر جوڳي! اهڙيطرح اوهين هڪ پرماتما سان ئي لو لڳائي رهو.“

صاحبن جوڳين کي پيا ۽ گهڻا شبد سهج جوڳ بابت ٻڌايا، جي ٻڌي اُهي سمجهڻ لڳا ته هي سچو جوڳي، اڪال پرک جو پيارو آهي. پوءِ اُهي صاحبن جي چرنن تي ڪري پيا ۽ ڪن پنهنجو وڏو ڪري سمجهيائون. اُنهيءَ ڏينهن کانوٺي اُنهيءَ جاءِ جو نالو گورک مٽي مان ڦيري نانڪ مٽو رکيو ويو، جو اڄ تائين پرسڌ آهي.

باب پندرهون

هردوار تي ڪنڀ جي ميلي جو ذڪر

گورو صاحب، ڀائي بالي ۽ ڀائي مرداني سميت

نٿا سگهن ڇا ؟ ” اِهو ٻڌي گورو صاحب پريم ۾ اچي
هيءُ سلوڪ اُچارڻ لڳا :-

” ناوڻ چلي تيرٿي ، من کوٽي تن چور
اِڪ ڀاءُ لٿي ناتيا ، ٻه ڀا چڙهيس هور
باهر ڌوتي تومڙي ، اَندر وس نڪور
ساڌ ڀلي اَڻناتيا ، چورس چورا چور . ”

[سوهي ڪي وار محلا پهلا سلوڪ (٢) پؤڙي (١٢)]

هن سلوڪ ۾ صاحب اُپديش ٿا ڏين ته ”هي پاپي، جي پُرش تيرٿن تي اشنان ڪرڻ وڃن ٿا ۽ اندر ۾ اِها آس رکن ٿا ته اسانجا ڪيل پاپ ناس ٿيندا، سي ڀليل آهن . ڇاڪاڻ ته جي پرش من جا کوٽا آهن ۽ جنجو انتهڪرڻ نيڪ نه آهي ، تنکي اشنان ڪرڻ مان ايهو ڦل ٿيندو جو اشنان ڪرڻ سان هڪ حصو انهنجي سرير جي ملينتائيءَ جو لهندو ته ٻٽي ملينتا اُنهن جي آتما تي چڙهندي . (هو اهنڪار ۽ پاکنڊ جي ملينتا پاڻ سان کڻي ويندا ته اسان تيرٿن جو اشنان ڪيو، تنهنڪري پوتر آهيون .) جهڙيطرح ڪؤڙي تنبيءَ کي ٻاهران تيرٿن جي جل سان کڻي ڌوئجي ته ٻاهران جيڪا ملينتا متس لڳل هوندي، سا ضرور لهي ته ويندي ، پر انجي اندر ۾ جا ڪؤڙائڻ جي وڪ پيٺي آهي ، سا ٻاهران ڌوئڻ ڪري ڪڏهين به دور ٿي نه سگهندي. تهڙيطرح جي پرش آتما ڪري پاپي آهن ۽ انهن جي اندر ۾ پاپن ۽ وڪارن جو زهر آهي سي کڻي تيرٿن تي وڃي

چوڌاري ويڙهي ويا ۽ کانئن پڇڻ لڳا ته ”سوامي، هي وري ڪهڙو اُبتو رواج ٿا هلايو؟“ صاحبن جواب ڏنو ته ”پائي، اسانکي هڪ ٻني اُلهندي طرف ٻن سؤ ڪوهن جي پنڌ تي آهي. اسين جڏهين نڪتا هئاسون، تڏهن پوکي نڪتا هئاسون ۽ ڪو ماڻهو ڇڏي ڪونه آيا هئاسون جو هنکي پاڻي ڏئي. اُها ٻني هڪ ڊڙي تي آهي، جنهنڪري مينهن جو پاڻي به اُنکي رسي نٿو سگهي. گرميءَ جي ڪري اُها ٻني سڪندي ويئي ٿي. تنهنڪري مان جل جا ٻڪ پري وجهان ٿو ته اُها سوڪ کان بچي وڃي.“

اِهو ٻڌي سڀ ماڻهو اچي کل ۾ ڇٽڪيا: ”پلا لوڪ! توکي ايتري به سمجهه ڪانه ٿي پوي ته تنهنجا جل جا ٻڪ ڪيئن تنهنجي ٻنيءَ کي پهچندا، جا ٻن سؤ ڪوهن تي آهي!“ اِهو ٻڌي صاحبن چيو ته ”منهنجا پيارا، ويچار ڪريو ته جڏهن منهنجي ٻنيءَ کي ٻن سؤ ڪوهن تي پاڻي پهچي نه سگهندو، ته اوهانجو ڏنل جل ڪئين اوهانجي پترن کي پهچندو، جنجي اوهانکي ڪل به ڪانهي ته ڪيترن ڪروڙن ڪوهن تي آهي آهن.“

صاحبن جا اِهي وچن ٻڌي اُهي لاجواب ٿيا ۽ سڀني پرم ناس ٿي ويو. پوءِ هو اچي سڀني چرنن تي ڪريا. انهي هڪ سماڻي پوش صاحبن کان پڇيو ته ”سوامي! تيرٿن تي اشنان ڪرڻ ڪري پاپ ناس ٿي

هن چنتا ۾ صاحب لوڪن کي اپديش ڏين ٿا ته
" هي ڀائي، ٻاهرين تيرٿن تي اشنان ڪرڻ لاءِ ڇو ٿا
ڀٽڪو؟ اوهانجي پاپن جي ميل لاهڻ لاءِ جو سچو تيرٿ
آهي، سو آهي آڪال پرک جو نالو. هنجي اپاشنا جي
شبد جو ايڪاگر چت ڪري، جو ويچار ڪرڻو آهي،
سوئي اوهانجي پاپن روپي انڌيري کي دور ڪري
گيان جو پرڪاش اوهانکي ڏيندو. سو جيڪڏهن
اوهانکي پاپن جو ميل دور ڪرڻ جي چاهنا آهي ته
انهيءَ سچي تيرٿ ۾ هرروز اشنان ڪريو. "
اهو اپديش ٻڌي ڪيترن ياترين جي اندر مان ڀرم
ناس ٿي ويو. هو صاحبن جي چرنن تي اچي ڪريا ۽
صاحبن جي سنگت ڪري گهڻو لاڀ پراپت ڪيائون.

باب سورهون
جڳن ناٿ جو ذڪر

صاحب هاڻي ديس ديسانتر گهمندا ڦرندا ۽ پرماتما
جي سچي نام جو اپديش ڪندا، وڃي **جڳن ناٿ** ۾
پهتا. سنجها مهل پوڄاري پوڄا ڪرڻ آيا ۽ آرتي گهڻي
ناهه نوه ۽ ڀيڪي سان اچي ڪيائون. هڪ موتين سان
جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا ٻاري، گل ڦل ۽ چندن آدڪ
سڳنڌيون رکي، ٺاڪر جي اڳيان انهيءَ ٿالهه کي ويهي
ڦيرايائون. پر صاحبن کي هن لموني جي آرتي پسند نه
آئي. آرتيءَ مهل جڏهين سڀ اٿي بيهي آرتي ڪرڻ
لڳا، تڏهين صاحب ماٺ ڪري ويهي رهيا. جڏهين

اشنان ڪري پنهنجي سرير جي ٻاهرين مليڻتا کي دور ڪري سگهندا پر انهنجي آتما شڌ نه ٿيندي. جي پرش اڪال پرک جا پيارا آهن ۽ هردي ۾ شڌ آهن، سي اشنان ڪرڻ ڪانسواءِ ئي پوتر آهن، پر جن کي هردي جا کوٽا آهن سي اُنهن تيرٿن جي اشنان ڪندي به چور آهن."

اوکن کي وڏيڪ اُپديش ڏنائون ته "هي ڀائي، جي اوهانکي پاپن جي ميل دور ڪرڻي آهي ته آتمڪ تيرٿ ۾ اشنان ڪريو." صاحبن انوقت هيءَ باڻي اُچاري:-

"تيرٿ تپ ديا دت دان
جيڪو پاويءَ تل ڪا مان
سڻيا منيا من ڪيتا ڀاءُ
انتر گت تيرٿ مل ناءُ

[سري جپ صاحب پؤڙي (٢١)]

هي ڀائي، جي جيو تيرٿ ٿا ڪن يا تپسيائون ٿا ڪن يا ديا ڏاري دان ٿا ڪن، تنکي (درگاه ۾) تر جيترو مان ملي ٿو، پر جي جيو نام سڻن ٿا، مڃن ٿا ۽ من ۾ اُن سان پريم رکن ٿا، سي پنهنجي اُندر ۾ اُتم تيرٿ مڃڻ پاڻکي ملي ڏوئن ٿا يعني اُنهنکي ٻئي تيرٿ ڪرڻ جي گهرج ڪانهي. صاحبن اُنوقت فرمايو ته:-

"تيرٿ ناوڻ جاءُ، تيرٿ نام هيءُ
تيرٿ شبد بيچار، انتر گيان هيءُ."

[ڌنا سري محلا پهلا ڇنت (١)]

(۳) سڀ مهه جوت جوت هئي سوءِ،
تسڪي چانڻ سڀ مهه چانڻ هوءِ
گور ساکي جوت پرگٽ هوءِ،
جو تس ڀاوئي سه آرتي هوءِ
(۴) هر چرڻ ڪمل مڪرند لوڀت منو،
اَن دنو موهه آهي پياسا
ڪرپا جل ديهه نانڪ سارنگ ڪئه
هوءِ جاتي تيرئي نام واسا.

ڀاو ارٿ

صاحبن پوڄارين کي چيو ته ”هي ڀائي، اوهين جو هڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا ٻاري، گل ڦل گڏ ڪري، چندن جو واس ڪري گهڻن قسمن جا ساز وڄائي، پرميشور جي آرتي ڪريو ٿا، سو اها اُنجي سچي آرتي نه آهي؛ چاڪاڻ ته انهيءَ ٻاهرين آرتيءَ تي پريو ذرو به پرسن نٿو ٿئي. هن سچي پاتشاهه جي آرتي سڄي سرشٽيءَ ۾ سديو پيئي ٿئي، اُها اچو ته اوهانکي ٻڌايون :-

”هي سارو آڪاس نرنڪار جو ٿالهه آهي، جو تارن روپي موتين سان جڙيل آهي. اُن ۾ سورج ۽ چندرما روپي ڏيا ٻاٽيهي ڪمهنجي ٻارڻ ڪانسواءِ پيا ٻرن. هي پهارا، اوهين به چار دڪا چندن چوُري جا ڪٽي اُنتي ٽانڊو رکي واس ڌوپ ڪريو ٿا ۽ سمجهو ٿا ته صاحب انهيءَ ڪري راضي ٿيندو؛ پر پرماتما جي آرتيءَ ۾ ساري

آرتي پوري ٿي، تڏهين مندر جو وڏو پوڄاري ڏمرجي صاحبن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته "اوهين ڪير آهيو؟ اوهانکي ايتري به سڌ نه آهي ته آرتيءَ مهل اُٿي بيهجو آهي؟ پيا سڀ اُٿي بيٺا، پر اوهين نه بيٺا، تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو؟" صاحبن فرمايو ته "ساري سرشٽيءَ جي رچڻهار جي آرتي، ڏينهن، ڌوپ واس ۽ گلن ڦلن سان ٿي نٿي سگهي. هن سچي صاحب جي پوتر آرتي، جا برهماند ۾ سدائين پيئي ٿئي، تنهن ۾ اسين مشغول هئاسين." پوڄاريءَ عجب کائي پڇيو ته اها وري ڪهڙي قسم جي آرتي آهي؟ تنهتي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

ڌناسري محلا پهلا شبد (٩) آرتي

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

(١) گگن ميءِ ٿال، روچند ديپڪ بني،
تارڪا منڊل جنڪ موتي
ڌوُپ مل آنلو، پوڻ چورو ڪري،
سگل بنراء ڦوُ لنت جوتي
ڪئسي آرتي هوءِ، ڀوَ کنڊنا، تيري آرتي
اُنهتا شبد واجنت ڀيري (اڪ رهاءُ)

(٢) سهس تو نين نه نه نين هيءِ توهه ڪئه،
سهس موُرت ننا ايڪ توهي
سهس پد بمل نه نه ايڪ پد،
گند بن سهس تو گند اِوُ چلت موهي

آهين ، سو اُنهن جون مُورتون جڙ نہ، تنهنجون ئي مورتون آهن • پر سچ ڪري تنهنجي هڪڙي بہ جسماني مورت نہ آهي • هي پريو! توکي هزارين پوتر چرن آهن، جڏهن تون ساري جڳتر جا ڪارج ڪري رهيو آهين، پر اُهي پير پڃن تتن جا ٺهيل نہ آهن. هي ڪرماٽيہ ڪرتار! هزارين توکي ناسڪائون آهن ، پر تحقيق توکي هڪ بہ جسماني ناسڪا نہ آهي. اهڙا تنهنجا عجيب چرتر ڏسي، ساري سرشٽي توتي موهت ٿي پيئي آهي ۽ تون تان قربان ٿي تنهنجو جس ڳائي رهي آهي • "

"هي پريو، جهڪي توکي وڻي ٿو ، اهائي سچي پوڄي تنهنجي آرتي آهي • هي جوتي سروپ! سڀني جيون جنتن ۾ جا جوت وسي ٿي ، سا تنهنجي جوت آهي • انهيءَ جوت جي پرگهٽ ٿيڻ ڪري گيان اُتپن ٿئي ٿو • ڪمول ستگورن جي اُپديش دئارن ئي انهيءَ جوت جو درسن ٿي سگهي ٿو• هي پريتم پيارا! منهنجو پوتر روپي من تنهنجي ڪنول روپي چرنن ۾ لڳي رهيو آهي ۽ مونکي رات ڏينهن تنهنجي اَمرت رس پيئڻ جي پياس آهي • هي پرم پتا! اِهائي تنهنجي اَڳيان منهنجي اَرداس آهي نہ مون چاترڪ کي پنهنجي ڪرپا جي سوانتي بوند بخش ، جنهنڪري نام ۾ سدائين واسو ٿئي • "

صاحبن جي هيءَ سچي آرتي ٻڌي سڀني پنڊتن ۽ پانڌين کي شانتي اَچي وئي ۽ سڀني صاحبن جي

دنيا جي چندن جا وڻ پنھنجي سڳنڌ ڏيئي، واس ڏوپ پيا ڪن، جنھنجي اڳيان اوھانجو واس ڏوپ ڪي بـ ڪينھي. اوھين ناڪر تي چؤر گھمايو ٿا، پر گھمائي گھمائي ٿڪجي پئو ٿا. سچو پڇو چؤنر ته پوَن (ھوا) آھي، جو بارھوئي پئو لڳي. اوھين ٿورا گل ڦل آڻي ناڪر جي مورتيءَ تي ٿا چاڙھيو ۽ انھن پيا پانھون ته انھن گلن تي ايشور راضي ھوندو. ھنڪي اوھانجن گلن جي ڪھڙي درڪار آھي، جڏھين ھيءَ ساري ونسپتي قسمين قسمن سڳنڌيءَ وارا رنگا رنگي گل ڦل ڪيدي سمورا پنھنجي سواميءَ اڳيان ارداس رکي ٿي؟ اوھين ناڪر جي اڳيان ٽريون ۽ قسمين قسمين باجا وڄايو ٿا، پر ھن سچي ناڪر جي اڳيان اناھدي شبدن جا باجا ساري برھمانڊ ۾ سديو پيا وڄن ۽ ھنکي اوھانجن باجن جي ڪا به ضرورت ڪانه آھي. اھا اشچرج روپي آرتي سڄيءَ سرشٽيءَ ۾ نت پيئي ٿئي."

پنڊتن پڇيو ته "سائين، اوھانجو سچو ناڪر ڪھڙو آھي؟ ديا پالي انجو سروپ اسانکي ٻڌايو." صاحب ايشور کي سنمک ٿي چون ٿا ته "ھي پري پورڻ پرماتما! توکي ھزارين نيتر آھن، جن سان تون ساريءَ سرشٽيءَ کي ڏسين ٿو ۽ اھڙو ڪو اسٿول يا سوکم پدارٿ ڪونھي، جو تنھنجي درشٽيءَ کان دور ھجي. پر درحقيقت توکي ھڪ به پدني اک نه آھي. ھي جگت ايشور! توکي ھزارين مورتون آھن، جاڪاڻ ته سڀني جيون ۾ تون وياپڪ

ڪرڻ لڳا تہ ” هي ڀائرا، اوهين ڪرتار کي وساري
جڙ وستن اڳيان ڇو ٿا نمو؟“ صاحبن جو اُپديش ٻڌي
ڪيترن جو ڀرم ناس ٿي ويو ۽ آخر اُتي جي حاڪم کي
بہ ستڪرتار جو اُپديش ڏيئي نهال ڪري اُتان روانا ٿيا.

پنجاب ۾ پهچندي کين خيال ٿيو تہ ماتا نانڪيءَ
کي بہ ڏسڻ گهرجي، ڇو جو هوءَ ڪرتار جو ڀڄن ڪندڙ
آهي. اهو ويچار ڪري هو سلطانپور ۾ اچي پنهنجي
ڀيڻ ماتا نانڪيءَ کي گڏيا، جا کين ڏسي گد گد ٿي.
ڀائي جئرام بہ کين گهڻو آدرستڪار ڪيو. ماتا نانڪي
۽ ڀائي جئرام گهڻي پريم سان سفر جو سمورو حال ڪانئن
پڇيو. صاحبن هنن کي پرميشور جا پيارا ڀاڳي سمورو
حال کولي ٻڌايو. گورو جن اُنهن کي سندر اُپديش ڏيئي
نهال ڪيو ۽ پوءِ پاڻ تلونڊيءَ روانا ٿيا. اُتي هو پنهنجي
پورسن ماتا ۽ پتا کي گڏيا. گورو جن پنهنجي ماتا جي
چرنن تي ڪري نمسڪار ڪيو ۽ ماتا کين پنهنجي گلي
سان لڳايو. پوءِ صاحب پنهنجي پتا جي چرنن تي ڪري
نمسڪار ڪري وينا ۽ سيني کان حال احوال ورتائون.
راءِ بلار سندن پٺيان چالاڻو ڪري ويو هو. هوڏانهن ڀائي
مردانو بہ پنهنجي ڪٽنب سان پريم سان وڃي گڏيو ۽
گورو جن جي ماتا پتا کي چيائين تہ ” هي ڪو وڏو
مهاتما آهي، جنهن سان ڪنهن جي برابري ڪري نٿي
سگهجي.“ اهو ٻڌي ڀائي ڪالو ۽ ماتا ترپتا پرميشور
جو ڌنيواد ڪرڻ لڳا. پوءِ گورو جن بابا سرچند ۽ بابا

مت کي انگيڪار ڪيو. اڄ سوڌو انهيءَ هنڌ تي گورو جن جو گوردئارو استاپن آهي.

باب سترهون

پنجاب ۾ موٽي اچڻ جو ذڪر

سري گرونانڪ ديو جن جڳن ناٿ مان روانا ٿي، آسام تائين ويا، گهڻن جيون جو ڪلياڻ ڪيو. هيل تائين کين رُخ ڪندي ڪجهه وقت گذري ويو هو، جنهنڪري ڀائي مردانو اُداس ٿي چوڻ لڳو ته ”هي سچا پاتشاهه! مان ندين، پهاڙن ۽ سمنڊ جهاڳي ٿڪو آهيان ۽ ڪٽنب ڏي به دل کڇي اٿم، تنهنڪري منهنجي وينتي آهي ته ديا پالي هڪ واري به پنهنجي ديس پنجاب ۾ هلو. جيتوڻيڪ اوهانکي ڪو به موهه نه آهي، پر ڪرپا ڪري مونکي پنهنجي ڪٽنب سان ملايو.“

صاحبن هنکي اُداس ڏسي مٺن وچنن سان ڪيس چيو ته ”هي پيارا، پرميشور جي پيارن لاءِ ساري ڌرتي سندن مال ڌن آهي ۽ سڀ ملڪ سندن ئي آهي، پر تو اڃا تائين پنهنجو اصلوڪو سڀاءُ نه ڇڏيو آهي. چڱو، اسين توکي جلد تنهنجي ڪٽنب سان ملائيندا سون.“ ائين چئي اُتان روانا ٿيا ۽ اچي ڪلڪتي ۾ پهتا، جتي اُنهيءَ وقت گهڻي بيماري هئي. لوڪ ڏاڍا وياڪل ٿي ڪالي ديويءَ جي مندر ۾ وڃي وينتيون ڪرڻ لڳا. انهيءَ ڀرم کي نورت ڪرڻ لاءِ لوڪن کي اُپديش

ان وقت شيخ فريد صاحب جي گاديءَ تي شيخ برهم (ابراهيم) هو، جو پوري ڪمائيءَ وارو فقير هو ۽ شيخ فريد صاحب جي نائين پيڙهي هو. ڪيس فريد ثاني به ڪري سڏيندا هئا . هنجو هڪ مريد ڪمال نالي جنهن جهنگ مان ٿي موٽيو، تنهن ساز جو آواز پڌي دڙي ڏانهن وڌي ويو ۽ پهڻي شبد پڌڻ لڳو. پوءِ هن پير صاحب کي وڃي چيو ته سائين، دڙي تي هڪ ننڍيءَ عمر وارو فقير ويٺو آهي، جنهنجي منهن ۾ نُور پيو چمڪي ۽ جنهنجو مراثي ساز وڄائي راڳ ٿو ڳائي :-

" آپي پٽي آپ، اوپر لکه به تون
ايڪو ڪهئيءَ نانڪا، دُوجا ڪاهي ڪُون ."

پير صاحب چيو ته شيخ سعديءَ جو وچن آهي، " تونگري به دل است نه به مال - بزرگي به عقل است نه به سال ." جنهنجو مطلب آهي ته شاهوڪاري دل جي ڪري آهي ۽ نه ڌن جي ڪري، وڏائي عقل ڪري آهي ۽ نه عمر ڪري، سو ننڍيءَ ۽ وڏيءَ عمر تي فقيري منحصر نه آهي. شايد هي ڪو خدا رسيدو ٿو ڏسجي. پوءِ پير صاحب پنهنجن ٿورن مريدن سوڌو ستگورن جي درشن لاءِ آيو ۽ سلام ڪري اچي ويٺو. پير صاحب پڇيو ته اوهين هندو آهيو يا مسلمان؟ صاحبن فرمايو ته جي ديهه جي ڳالهه ٿا پڇو ته ٥ تت، ٩ دوار، ١٠ اندريون، ٨ ڌاتُون، بکه، اُڃ، هرکه، شوڪ، جنم، مرڻ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار آدڪ وڪار سڀئي جا

لکمچند ۽ سندن ماتا سلکڻيءَ سان گڏيا، جن سڀني سندن چرنن تي ڪري نمسڪار ڪيو. صاحب کين اُپديش ڪيو ته ”اوهانجو سچو پتا ڪرتار آهي. اُنجي اوٽ ردي ۾ ڌاريو ته سدايو سکي رهندؤ.“ تلونڊيءَ ۾ ٿورن ڏينهن رهڻ کانپوءِ هڪ ڏينهن ڀائي مرداني کان پڇيائون ته ”ڀارا، اتي ئي ريڍو ويٺو هوندين ڇا؟ هل ته هلي ڪرتار جي آگيا پوري ڪريون، جنهن لاءِ هن اسانکي سنسار ۾ موڪليو آهي.“ انهيءَ تي ڀائي مردانو ”ست وچن“ چئي ساڻن گڏ روانو ٿيو.

باب ارڙهون

شيخ فريد جي جاءِ تي وڃڻ جو ذڪر ۽ شيخ ابراهيم سان روح رهاڻ

صاحب هاڻي ڪٽنب کان موڪلائي بنگال، ڍاڪا ۽ دکن ديس ڏانهن روانا ٿيا. پهر يائهن پاڪ پٽڻ ۾ پهتا. اُتي ٻڌائون ته هيءُ شهر فريد صاحب جن جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ڀائي مرداني کي چوڻ لڳا ته ”ڀارا، توکي هل ته الله جي پياري جو مڪان ڏيکاريون.“ پاڪ پٽڻ ۾ اُنهن ڏينهن ۾ ميلو پئي لڳو. صاحب پاڪ پٽڻ جي ويجهو هڪ دڙي تي وڃي ويٺا ۽ ڀائي مرداني کي آگيا ڏنائون ته هيءُ سلوڪ ڳاءِ:-

”آپي پٽي قلم آپ، اوپر ليکه ڀِ تون
ايڪو کهيئي نانڪا، دوجا ڪاهي ڪون.“

[ملار کي وار محلا پهلا پوڙي (٢٨) سلوڪ (٢)]

اهو اُپديش ٻڌي شيخ ابراهيم سمجهي ويو ته هي ڪو ٻهتل ٿو ڏسجي، سو وري به ڪانئن سوال ڪرڻ لڳو ته "سوامي! اوهين چئو ٿا ته جيو دنيا ۾ ڪمائي ڪري پاڻ به ڪائي ۽ ٻين ٻکين کي به کارائي، تڏهين خدا جو رستو سمجهي سگهندو، پر مهنجي ناقص عقل ۾ ائين ٿو اچي ته هيءَ دنيا بمثل چهراٽيءَ جي آهي، جهڙيطرح چهراٽيءَ سان لڳڻ ڪري جيو گندو رهي ٿو، تهڙيطرح دنيا سان واسطو رکڻ ڪري انسان جو روح پاڪ نٿو رهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿو ٿئي جو هنجي اکين اڳيان سندس چڱن ڪمن روپي کٽي کپي ناس ٿي وڃي ٿي."

جڏهين صاحبن اهو ٻڌو، تڏهين هيٺيون سلوڪ اُچاريائون:-

"ڏره هوندا آئشا، چوڙيلي سڻ هيت
نانڪ کهٽ نه اُجڙي، جي راکا هوءِ سچيت."

هن سلوڪ ۾ صاحب شيخ ابراهيم کي سمجهائين ٿا ته "هي پيارا، سڀئي انسان جو هن دنيا سان پيار ٿيندو آيو آهي، سا ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. پر جنهن ڪو کيتيءَ جو راکو سجاڳ هوندو آهي ته هو اُهڙا پکين کان ناس ڪرڻ نه ڏيندو آهي، تنهن جي پرش واهگوروءَ جي سمرن ۾ سچيت آهن، سي پنهنجن گڻن جي کيتيءَ کي ناس ڪرڻ نٿا ڏين. انهيءَ ڪري اوهانکي پڻ جڳائي ته اُن پاڪ خدا جي سمرن ۾ لڳي رهو."

هڪ جهڙا آهن ۽ جي جيو آتما جو ٿا پڇو ته اُنهيءَ ۾ نه هندو ۽ مسلمان جو ڀيد آهي ئي ڪونه. پوءِ پير صاحب مٿئين سلوڪ جو ارٿ پڇيو. صاحبن فرمايو ته هنجو ارٿ آهي :- ”هي پريو! (پرالبڌ روپي) پٽي به تون آهين، (پاپ روپي) قلم به تون آهين ۽ لِکيه يعني لکڻو به تون آهين. تون هڪ ايشور جي اُستت ڪر. هن کانسواءِ ٻيو ڪير آهي ؟“ شيخ ابراهيم صاحبن کي ڀٽل جاٽي، ڪيترا سوال پڇيا، جن سڀني جا جواب صاحبن اُنکي ڏنا، جي ٻڌي هو خوش ٿيو. صاحبن انهيءَ موقعي تي سري آسادي وار جون پهريون ۹ پؤڙيون اُچاريون آهن.

گورو صاحب ۽ ڀائي مردانو ڪيترا ڏينهن پاڪ پٽن ۾ رهيا پيا هئا، ڇو جو شيخ ابراهيم، صاحبن کي ڇڏڻ جي نه پئي ڪئي. هڪ ڏينهن شيخ ابراهيم، هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته ”فقير سائين! خدا جي پائڻ جو سولو رستو ڪهڙو آهي؟“ تنهنتي صاحبن فرمايو :-

گهال کاءِ ڪڇ هٿهه ديهه، نانڪ راهه پڇاڻهه سيءِ.

[سارنگ کي وار پؤڙي (٢٢) محلا پهلا سلوڪ (١)]

هن سلوڪ ۾ گورو صاحبن شيخ ابراهيم کي سمجهايو ته ”پيارا، ڪمول ڪنهن قبرستان يا مندر ۾ رهڻ ڪري خدا نٿو ملي، پر جي شخص بازن جي ڪمائي ڪري پنهنجو گذران ڪن ٿا ۽ پيا جنکي ڪمائڻ جي سمرٿي نه آهي، تنکي ڀيٽ قوت ڏين ٿا، سي ئي پرميشور جي رستي کي ڄاڻي سگهن ٿا.“

صاحب ھيئن ڏنا ٿا :-

نوڻ سـ اُڪر، ڪوڻ گڻ جھوا مٺيئا منت

اي ٽريءَ پهڻي ويس ڪر، تان وس آوي ڪنت .

[سلوڪ (١٢٧)]

ھي پيارا، اُھو اکر نمرتا آھي، اُھو گڻ ڪميا آھي، اھو مٺيئن جهڙو منتر مٺي زبان آھي. ھي منهنجي ڀيڻ، انهن ٽنهي گڻن کي ڌاري پنهنجي پوشاڪ ڪر تہ پوءِ پتي تنهنجي وس ٿيندو.

اھو اُپديش ٻڌي شيخ ابراھيم گورو جن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ وينتي ڪرڻ لڳو تہ "سچا پاتشاھ! منهنجو جنم سڦارٿو ٿيو آھي، جو اوھان مونکي سچي رستي تي لاتو آھي." پوءِ گورو صاحب ڪيس ست ڪرتار جو نام جپائي اڳتي روانا ٿيا.

باب اوڻيهون

ايمنا آباد (سيد پور) ۾ ڪوس ۽ ڀڳتن تي پيڙ

سري گورو نانڪ ديو جن ڪيترا شهر گهمندا ڦرندا، پاڪپٽان ڀائي مردانو ۽ ڀائي بالو وٽي، ٻيو دفعو ايمنا آباد ۾ آيا، جتي ڀائي لعلو، جو سندن پيارو سک ھو، تنهنکي اچي درشن ڏنائون. ڀائي لعلو ھٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو تہ "سوامي! پٺاڻ ڏاڍا ظلم ڪندا وتن. ھنن کي ڪو ڏنڊ ۽ جو ڊپ ڪونهي. ھو شراب پي مست ٿي

شيخ ابراهيم وري ٻيو دفعو سوال پڇڻ لڳو ته "سچا پاتشاه! هندو ڌرم ۽ مسلماني مذهب مان ڪهڙو بهتر آهي؟" اهو ٻڌي صاحبن کيس چيو ته "پيارا، اهو پرم پتا، جنهنکي اوهين هڪ ٿا سمجهو، تنهنجو طريقو به هڪ آهي. هن ڪو به هندو يا مسلمان نه خلقيو آهي. هن هڪ انسان ۽ هڪ ذات پيدا ڪئي آهي. تنهنڪري هندو مسلمان جو پيدا ڪيل ۽ سڀني کي خدا صاحب جي هڪ خلقت ڄاڻي اُن مالڪ جي اوٽ وٺڻ گهرجي." صاحبن اُنوقت فرمايو:-

"دوجا ڪاهي سمرئي، جمي تي مرجاه
ايڪو سمرو نانڪا، جل ٿل رها سماه."

اهڙيطرح ٻيا ڪيئي سوال شيخ ابراهيم صاحبن کان پڇيا، جن جا پورا پورا جواب صاحبن کيس ڏنا، جنهنڪري هن جي من جو سنسو نورت ٿي ويو. پڇاڙيءَ ۾ شيخ صاحب، صاحبن کان پڇڻ لڳو ته:-

ڪوڻ سه اَکر ڪوڻ گڻ، ڪوڻ سه مڻيئا منت
ڪوڻ سه ويسو هئه ڪري، جت وس آوئي ڪنت.
[سلوڪ (١٢٦)]

جنهنجو مطلب آهي ته اُهو ڪهڙو اکر آهي، اُهو ڪهڙو گڻ آهي ۽ اُهو ڪهڙو مٺيئي جهڙو منتر آهي؟ ڪهڙي پوشاڪ مان پهريان، جنهنڪري ڪرتار روپي گهوٽ کي وس ڪري ڇڏيان؟

انهيءَ جو اُتر هيٺين سلوڪ ۾ سري گورو نانڪ

ڀائي لعلو! جهڙي مونکي آڪاس واڻي ٿي آهي، تهڙي مان توکي ٻڌايان ٿو. پاپن جي جڃ وٺي بابر ڪابل مان ڏوڪندو پيو اچي ۽ زوريءَ اچي ڏنب گهرندو. شرم ۽ ڌرم ٻئي لڪي ويا آهن ۽ ڪوڙ اڳوان ٿي بيٺو آهي. قاضين ۽ ٻانيڻن جي وچن ۾ طاقت ڪانه رهي آهي. نڪاح هينئر شيطان پڙهندو. (يعني ڌرم انوسار شادي ڪانه ٿيندي. جيو ڪام جي وس ٿي وشيءَ ڀوڳ ڪندا). مسلمان زالون قران پڙهن ٿيون، پر ڪشٽ جي وقت ۾ هاء خدا ڪري پڪاريندريون. اُهي اوچيءَ ذات واريون ۽ گهٽ ذات واريون ۽ ٻيون هندواڻيون اهي سڀئي مصيبت جي منهن ۾ اچي وينديون. اُهي خون جا پار ويهي ڪيڏنديون ۽ رت جي ڪنسر مٿن پوندي.

ڀائي لعلو ايترو ٻڌي چوڻ لڳو ته لوڏين جهڙو ظلم ڪيو، تهڙو ئي ڦل نڪتو. پوءِ هو پڇڻ لڳو ته "سوامي! مغل هتي اچي لڙائي ڪندا ڇا ۽ ڪيترو وقت سندن بادشاهي هلندي؟" صاحبن فرمايو:-

صاحب ڪي گڻ نانڪ گاويءِ،
ماس پُري وچ آکہ مثولا
جن اُپائي رنگہ روائي، ٻئنا ويکيءِ وکہ اڪلا
سچا سو صاحب سچہ تپاوس،
سچڙا نياءُ ڪريگہ مثولا

پرايون استريون ڪسڻ ۽ ڦٻائڻ ۾ پورا آهن ۽ غريبن ۽ نڌرن کي آزار پهچائي ديرنتا ڪن." صاحبن فرمايو ته "پيارا لعلو! ظالم پٺاڻن (لودين) جو راڄ اڃا پوري ٿيڻ تي پهتو آهي، ڇو جو بابر مغلن جو بادشاهه ڪاهي پيو اچي ۽ جلد اچي کين ماري مات ڪري هندستان پنهنجي هٿ ڪندو. گوروجن اُنوقت هيٺيون شبد اُچاريو:-

تلنگ محلا پهلا شبد (٥)

جيسي مئي آوئي خصم کي باڻي،
تيسڙا ڪري گيان وي لعلو
پاپ کي جنج ليءِ ڪابلهه ڌائيا،
زوري منگئي دان وي لعلو
شرم ڌرم دوءِ ڇپ کلوئي،
ڪوڙ ڦري پردان وي لعلو
قاضيان باهمڻان کي گل ٿکي،
عقد پڙهي شيطان وي لعلو
مسلمانان پڙهه ڪتيبا،
ڪشٽ مهه ڪرهه خدا وي لعلو
ذات سنائي هور هندواڻيان،
ايهه ڀي ليکي لاءِ وي لعلو
خون کي سوهلي گاويئهه نانڪ،
رت ڪا ڪنگو پاءِ وي لعلو.

هو پنهنجي گهر ويو، جتان ڪجهه پرساد ڪڍي نمرتا سان آڏي ستگورن اڳيان رکيائين ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ”سوامي! ڪرپا ڪري هيءُ پرساد ورتايو.“ گورو مهراجن اهو پرساد واهي ڏنو ۽ برهمڻ کي چيائون ته ”پيارا، تون ۽ لعلو ٻئي گڏجي پنهنجو ڪٽنب وٺي هينئر چئن ڪوهن جي پنڌ تي هليا وڃو. اُتي هڪ سڪل تلاءُ آهي، جنهن ۾ سڀ لڪي وڃي ويهو. پر بنا دير شهر ڇڏي هليا وڃو، نه ته صبوح ساڻ مغلن جو لشڪر اوهانجا گهر اچي لٽيندو ۽ سڀني پٺاڻن کي ماري زالن کي ٻڌي پاڻ سان وٺي ويندو.“

برهمڻ ۽ ڀائي لعلو ست وچن چئي ترت پنهنجي گهر ويا ۽ ٻار، پٽ ۽ زالون وٺي سامان ڪڍي شهر کان ٻاهر نڪري اُها جاءِ ڳولي وڃي لڪا.

بابر جي وڏي فوج ٽڪن گهوڙن سان پنجاهه ڪوهن پنڌ تي لٿل هئي، جنکي بابر اوچتو حڪم ڏنو ته يڪدم وڃي ايمنآباد کي گهيرو ڪريو ۽ مغرور پٺاڻ جي منهنجي آڻ نٿا مڃين، تنکي زبردستيءَ سان ماري مات ڪريو. پر اهڙي چالاڪي ڪريو، جو راتو واهه وڃي کين گهيريو.

اِهو حڪم ٻڌي پهلوان لشڪر هڪدم گهوڙن تي زين ڪسي ۽ هٿيار پهوهار ٻڌي ترت هسوار ٿيا ۽ گهوڙن ڀوڙائيندي دير ڪانه ڪيائون. سج اُڀرندي شرط لشڪر اچي ايمنآباد ۾ وارد ٿيو. اُنوقت هر هڪ

ڪايا ڪپڙ ٽڪ ٽڪ هوسي،
هندستان سماليسي بولا
آون اٺهتري جان ستانوي،
هور ڀي اٺسي مرد ڪا چيلا
سچ ڪي باڻي نانڪ آکي،
سچ سڻائسي سچ ڪي بيلا.

گورو صاحب ڪرتار جي تعريف ڪري ڀائي لعلو کي چوڻ لڳا ته ”پيارا، هن پوريءَ ۾ ماس ٽي ماس ورتجي ويندو، اهو احوال اسين توکي ٻڌايون ٿا. جنهن ڪرتار هيءَ سرشٽي رچي آهي، تنهن سڀني کي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ رکيو آهي. هو نيارو ٿي وينو سڀني کي ڏسي. هو سچو صاحب آهي ۽ هنجو فيصلو ڀي سچو آهي. هو سچو نياءُ ڪري ٿو، جو مثال ٿي رهندو. ماڻهن جون ديهيون ڪپڙي وانگر ٽڪر ٽڪر ٿينديون ۽ سارو هندستان اسانجا وچن ياد ڪندو. مغل سنبت ١٥٧٨ ۾ ايندا ۽ سنبت ١٧٩٧ ۾ ويندا يعني سندن بادشاهي ٢١٩ ورهيه هلندي. ٻيو مرد جا چيلا يعني سري گورو گوبند سنگهه صاحب جا چيلا يعني خالصا پرگهٽ ٿيندا. ڀائي لعلو! اسين سچي باڻي توکي ٻڌايون ٿا ۽ پوري وقت تي اها سچي ڳالهه توکي سڻايون ٿا.“

جنهن وقت صاحبن مٿيون پرسنگ ويٺي ٻڌايو، تنهن وقت ايمنا آباد جو هڪ برهمڻ ويٺو هو. هن سمجهيو ته جهڪي گورو صاحبن چيو آهي، سو اوس ٿيندو. ٻيو

ن ، گهوڙا ۽ ٻيو اسباب هٿ ڪيائون. ٻوءِ گهڙي ٻيا
ناڻن جي گهرن ۾ ، جتان خوبصورت عورتون زيورن ۽
ڪپڙن سميت وٺي ٻاهر ڪڍيائون ۽ گهڻا ٻناڻ ماري
۽ ڪنهڪي قيد ڪري شهر ۾ ڦر ڪيائون. چوطرف هاءِ هاءِ
مچي ويئي. آخر مغلن فتح ڪري سڄو شهر لٽي ٻن
ڪوهن پنڌ تي وڃي ڏيرو ڪيو. ٻابر فتح حاصل ڪري
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجو جهنڊو کڙو ڪيائين.

گورو صاحب ڀائي ٻالي ۽ مرداني سان ايمنا آباد جي
ٻاهران وينا هئا. اُهي ٻڌ ٻين وانگر قيد ٿيا ۽ ميرخان
سردار جي حوالي ڪيا ويا. مطلب ته ڀڳتن تي پيڙ اچي
چڙهي ، پر صاحبن اها مني ڪري ڀوڳي. گورو صاحبن
وات تي هيٺيون شبد اُچاريو:-

آسا محلا پهلا شبد (٣٩)

(١) خراسان خصمانا ڪيتا ، هندستان ڏرائيا
آپےِ دوش نه ديئي ڪرتا ، جم ڪر مغل چڙهائيا
ايتي مار پئي ڪرلاڻي ، تئي ڪي درد نه پائيا!
ڪرتا ، تون سڀني ڪا سوئي
جي شڪتا شڪتيءِ ڪه ماري ، تامن روس
نه هوئي (اڪ رهاءُ)

(٢) شڪتا شيهن ماري پيءِ وگيءِ ، خصميءِ سا پرسائي
رتن وگاڙو گوئي ڪتي ، مئيان سار نه ڪائي
آپي جوڙ وڇوڙي آپي ، ويکه تيري وڏيائي

طرف جا جوڌا آسرو لاهي، هڪ ٻئي سان ڳنڍجي پيا. پٺاڻن قلعي کان ٻاهر نڪري تيرن، تلوارن ۽ بندوقن جو وسڪارو مچائي ڏنو. ڪترو وقت ٻئي فوجون اڙڪيون رهيون. آخر بابر ڪاوڙجي چيو ته " اي مغلو! اوهين هميشه مون وٽان ڏن وٺي خوشيون ڪندا ۽ موجون ماڻيندا رهيا آهيو. هاڻي جڏهن مهمجي ڪم جو وقت اچي ٿيو آهي، تڏهين پنهنجا پران پيارا ڪيا اٿو. ڪهڙي مهل ٿي آهي ته پٺاڻن سان اڙڪيا پيا آهيو! فتح ڪريو. ڏسو ڇا ٿيا؟ " اُنوقت نغارن تي خوب ڏونڪا لڳا ۽ حڪم ٿيو ته يڪدم سڀ گڏجي ڪاهيو، جنهنتي هڪواري ڏاڍو گهمسان مچي پيو ۽ توبن جي تڪا توڪي لڳي ويئي. ڪيترا سؤ ٻڙڇين سان زخمي ٿيا ۽ ڪيترا تلوارن سان ڌڙن کان ڌار ٿي ڪريا ۽ ڪن جون ٻانهون ڪلهن کان نڪري پيون. انهيءَ طرح سڄي زمين لوٿن سان پرجي ويئي. مغل پٺاڻن تي اٿين وڃي پيا، جئن باز پوي تترن تي. جيڪو سامهون ٿي ويو، سو قتل ٿي ٿيو.

اُنوقت مغلن جو لشڪر بادلن جيان ڏسڻ ۾ ٿي آيو، تلوارون وڄ وانگر ۽ دمامن جا آواز ڪڪرن جي گجگوڙ جيان ۽ گوليون مينهن وانگي پئي ويون. جئن ڪو پڪي پوک ويهي لڻندو آهي، تئن مغلن پٺاڻن کي ٿي ناس ڪيو.

پوءِ تلوارون ٽڪيون ڪري ڪاهي پيا شهر ۾، جنهني

و، پلي ته ڪيترا پوڄه هو ڪٽي ماڻي، پر جيڪو جيو
مسار ڪان مري جيئرو رهي ٿو ۽ نام جپي ٿو،
وئي ڪجهه پرواهه ڪري ٿو.

انهيءَ طرح ستگورو سچا پاتشاهه ڳائيندا پند ڪندا
ڻي ويا. صاحبن کي ڏسي ڪي پيا چون ته هي وڏا
ڪي سنت ٿا ڏسجن ۽ ڪي پيا چون ته هي وڏا سمرٿ
ڪرامات جا صاحب آهن، اسان پا عمر اهڙو ڪو نه
ڏٺو آهي. انهن چئي هو هٿ ٻڌي پيا نمسڪار ڪن ۽
پرڻ پون. آخر جڏهين چانوڻيءَ ۾ وڃي پهتا، تڏهن
ڪن مغلن ٻوڙي وڃي بادشاهه کي ٻڌايو ته ”جيئندا
قبلا! قيدين ۾ هڪڙو فقير جهلجي آيو آهي، جنهنجي
واڻيءَ سڀني کي موهي ڇڏيو آهي. سائين! هن سان
هڪ ميراثي پڻ آهي. اهي ٻئي خدا صاحب جا گڻ
ڳائيندا پيا اچن، اوهين مهرباني ڪري روبرو هلي
ڏسو.“ اهو ٻڌي بابر بادشاهه چيو ته ”جيڪڏهين
مونکي اڳي خبر هجي ها ته هن شهر ۾ اهڙا درويش
آهن ته مان جنگ خونريزي نه ڪرايان ها.“ انهن چئي
هو هڪدم اٿڻ لاءِ تيار ٿيو.

جنهن وقت گورو صاحب بنديخاني ۾ اچي پهتا،
تنهن وقت ڏسن ته اتي ڪيتريون عورتون، هندواڻيون
مسلمانڙيون ۽ پنڊاڻيون ۽ ٻيا مرد قيد ۾ بند پيل هئا،
جن سڀني جي اڳيان اَن ۽ جنڊ رکيا هئا ۽ پيهڻ لاءِ
سخت تاڪيد پئي ٿيو. صاحبن جي اندر گهڙندي شرط

(٣) جيڪو نانءُ ڌرائي وڏا، ساد ڪري من ڀاڻي
کصمءِ ندري ڪرا آويءِ، جيتي چڱيءِ داڻي
مر مر جيويءِ تا ڪڇه پائي، نانڪ نام وکاڻيءِ.

تات پرچ

پرماتما خراسان جي ماڻهن يعني مغلن سان مهرباني ڪئي آهي ۽ هندستان کي ڀؤ پر وڌو. ڪرتار پاڻ کي کو به دوش نٿو ڏئي. هن مغلن کي جم روپ ڪري موڪليو. ايتري مار پناڻن تي پيئي، جو هو ورلاپ ڪرڻ لڳا، پوءِ به هي پريو! توکي کو قياس کو نه پيو! هي ڪرتار! تون سڀني سندو آهين. جڏهين ڪو ظالم ٻئي ظالم کي ماريندو آهي ته من کي رنج کو نه ايندو آهي، پر جڏهين ٻلوان شينهن گائين جي وڳ ۾ پئي انهنکي ماري ٿو ته پوءِ مالڪ (ڌنار) کي پرشارت ڪرڻو پوي ٿو. اسانجي مالڪ اهو پرشارت اسان سان ڪيو يعني اسان سان مهرباني ڪيائين. مطلب ته اسان گائين (هندن) کي انهن شينهن (لوڏين) ڏاڍو ستايو هو، سو پرماتما مغلن کي موڪلي اسان سان مهرباني ڪئي. لوڏي ڪتن پنهنجو رتن روپي جنم ناس ڪيو. مئي کانپوءِ ڪاڏي ويا، تنهنجي ڪنهنکي ڪل نه پيئي. هي پريو! تون جيون کي ملائين ٿو ۽ تون ئي ڪين هڪ ٻئي کان وڇوڙين ٿو. ڏس ته اها تنهنجي وڏائي آهي. جيڪو پنهنجو نالو وڏو رکائي ٿو ۽ من ڀاوندا سواد وٺي ٿو، سو مالڪ جي نظر ۾ ڪيئون اچي

جي چاهنا آهي . مان جو تنهنجي در جو منگتو آهيان،
سو مونکي اهو دان ڏي .

جهڙيطرح ڪنسر، گل، ڪستوري، هرڻ جي ڪل ۽
سون، اهي سڀڪنهن سرير تي چڙهن ٿا يعني سڀڪنهن
جي ڪم اچن ٿا، تهڙيءَ طرح پڳتن جي چندن روپي
سڳند سڀني کي چندن روپ ڪري ڇڏي ٿي . جئن
گيهه ۽ ريشم کي ڪو به اپوتر ڪونه ٿو چوي، تئن پڳت
کي ڪهڙي به ورن ۾ هئڻ ڪري اپوتر چئي نٿو سگهجي.
مطلب تہ اهي اُتم ۾ اُتم آهن . هي پريو! جيڪي تنهنجي
نام کي نمي توسان لنو لائي ٿا رهن، تنجي در جو
مان منگتو آهيان . "

اهو ٻڌي بابر ٻئي هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو ۽
وينتي ڪرڻ لڳو تہ "سوامي! مونکي هاڻي يقين ٿيو
آهي تہ اوهين سمرٿ ۽ پورن آهيو . مهرباني ڪري
مونتي اها بخشيش ڪريو، تہ مان ساري هندستان جو
بادشاهہ ٿيان ۽ پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ منهنجي بادشاهي
قائم رهي . "

ستگورو سچا پاتشاهہ هن ڏانهن ديا درشٽيءَ سان
نهاري فرمائڻ لڳا تہ "بابر، تنهنجي گهر ۾ ليسين
بادشاهي هوندي، جيسين اوهان وٽ انصاف هوندو .
جڏهين تنهنجي ڪل مان نياءُ نڪري ويندو، تڏهين
اوهانجي بادشاهي چٽ ٿيندي . "

اُنهنجي اڳيان ٻه جدب ۽ اَن رکيائون ته جلد ٻهڪي ونو. صاحبن اُنوقت راڳ آسا محلا پهلا گهر تيجا اشٽپدي (١١) اُچاري، جا بابر بادشاهه پرلم سان ٻڌي، جنهن ۾ هلندڙ زماني جو حال ورنن ڪيو.

بابر کي صاحبن جي وچن ٻڌڻ ڪري اندر ۾ بلڪل گهڻي شرڌا وڌي ۽ ڄاتائين ته هي ڪو مهاپرش ڪو وڏو ڪلاونت آهي، سو هٿ ٻڌي وينتي ڪرڻ لڳو ته "منهنجي سمجهه ۾ اچي ٿو ته اوهين خدا صاحب جا نهايت پيارا آهيو. مهرباني ڪري مونکي پنهنجي ڪرامات ڏيکاريو." ستگورن فرمايو ته "ڪرامات قهر جو گهر آهي. باقي توکي جيڪي گهرڻو هجي، سو ايمان رکي گهر." بابر جا ڀاڳ اچي ڄاڳيا، سو مهراجن کي ڪرتار جي پريم ۾ مگهن ڏسي سندن چرن ڪنول ۾ پريت ڌاري، ڀنگ کٽي اچي حاضر ٿيو. دل ۾ ويچار ڪيائين ته درويش بيپرواه ٿا ٿين ۽ اُنهنکي مايا جو لوڀ رتيءَ ماتر به نٿو ٿئي، تنهنڪري ڀنگ کولي ستگورن جي اڳيان رکيائين، جا ڏسي ستگورن تلنگ محلا پهلا گهر دوجا شبد (٢) اُچاريو، جنهن ۾ وينتي ڪري چيائون ته "هي پريو! تنهنجو ڀؤ منهنجي لاءِ ڀنگ آهي ۽ منهنجو چت ڳوٿري آهي. مان دنيا کان فارغ ٿي تنهنجي پريم ۾ مست آهيان. منهنجو هٿ ئي پيالو آهي ۽ مونکي تنهنجي درسن جي بک آهي. مان هميشه تنهنجي در جو سوالي آهيان. مونکي تنهنجي درسن

جيڪو جيو بندي جو آسرو وٺي ٿو، سو پنهنجو دين دنيا چٽ ڪري ٿو. هڪڙو ئي پرماتما داتار آهي ۽ ٻيو سارو جڳت هن جي در جو سوالي آهي. اهڙي داتار کي ڇڏي جو ٻئي جي پناهه پوي ٿو، سو پنهنجي سموري پت وڃائي ٿو. دنيا جا شاهه پاتشاهه سڀ اُن سچي پاتشاهه جا خلقيل آهن. هو واهگوروءَ سان ڪو به برابري ڪري نه سگهندو. مان هن سچي پاتشاهه کي ڇڏي تو جهڙي کان پنڻ نٿو چاهيان. توکان جيڪو پني ٿو، سو بيوقوف آهي."

اهو اُپديش ٻڌي بابر بادشاهه ستگورن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ سندن داس ٿيو. گورو صاحب پوءِ ڪانئس موڪلائي ٻئي پاسي روانا ٿيا.

باب ويهون

هڪ شرڌالو ڇوڪر جي ساکي

صاحب ڪجهه وقت وري پنجاب ڏي موٽيا ۽ ڪي ڏينهن اچي ڪرتاپور ۾ رهيا. صاحبن حڪم ڏنو ته هر روز رات جي پوئين پهر پرماتما جو ڀڄن شروع ٿئي. هڪ ننڍو ڇوڪر ستن ورهين جو هر روز امرت ويلي ستگورن جي پٺيان اچي ويهندو هو ۽ ڪيرتن ٻڌندو هو. جڏهن ڪيرتن پورو ٿيندو هو، تڏهن متو نڪي هليو ويندو هو. هڪ ڏينهن گورو بابا چيو ته "سڀاڻي هن ڇوڪر کي ترسائجو، ته اسين پڇونس ته هتي نت نيم سان ڇو ٿو

اِهو ور پائي بابر بادشاهہ خوش ٿيو ۽ بار بار ستگورن جا چرن چمي نماڻو ٿي شڪرانا مڃڻ لڳو. تڏهن ڪانپور ۽ سڀ سمداپتي، لشڪر ۽ ٻيا لوڪ اچي صاحبن جي قدمن ۾ پيا.

پوءِ ايمنآباد جي لوڪن تي رحم آڻي ستگورن بابر کي حڪم ڏنو تہ سڀني قيدين کي سندن ملڪيت سميت آزاد ڪر. بابر بادشاهہ يڪدم ائين ڪيو ۽ هرڪو پنهنجو سامان سرو کڻي پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. بابر خوش ٿي صاحبن کي ڪي جاگيرون آڇڻ لڳو، جنهنتي صاحبن هنئين طرح فرمايو:-

ايڪ داتا ايڪ خداء
جا ڪا ديتا سڀ ڪوئي کاء
بندي ڪي جو لهوي اوٽ
اِڪ داتا سڀ جڳت بکاري
اُسکو ڇوڙ اَور ڪو لاڳي
تن آپني سگلي پت هاري
شاهہ پاتشاهہ سڀ اُسڪي ڪيئي
اُسڪي سات نہ ڪوءِ رليئي
ڪهي نانڪ سن بابر مير
تجهہ تي مانگي سو اَحمق فقير.

هن شبد ۾ گورو صاحب، بابر کي فرمائين ٿا تہ "هي بادشاهہ! مونکي هن سچي پاتشاهہ ايمان بخشيو آهي، جنهنجو ڏنل دان سارو جڳتر کائي رهيو آهي.

گورو هرگوبند صاحب جن تائين گورياٺيءَ جو تلڪ هن پياري ڪان ڏيارينداهئا.

باب ايڪيهون

شهه سهاڳڻ جو پرسنگ

پاکنڊ ڀڳت نه هووئي، پار برهم نه پائيا جاءِ.

[بلاول کي وار محلا چوٿان ۱]

صاحب ونن ڪندا ۽ جيون کي نام جپائيندا هڪ شهر ۾ اچي پهتا، جتي **شهه سهاڳڻ** نالي فقير رهندو هو. هر ڪنهن چنڊ رات آتي وڏو ميلو لڳندو هو، ڇو جو ماڻهو سمجهندا هئا ته انهيءَ رات **شهه** يعني ايشور فقير وٽ اچي ٿو. ميلي وقت فقير کي ڪيترن سوغاتون ۽ نذرانا ملندا هئا. صاحبن کي ته چڱي پر خبر هئي ته هي ڪهڙي قسم جو فقير آهي، سو چنڊ رات جو سندن آستان جي ويجهو وڃي ڏيرو ڪيائون. ماڻهن کي ڪوڙن ڀرمن ۾ ڦاٿل ڏسي، گورو صاحبن مرداني کي رباب وڄائڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ پاٺ ڪرڻ شروع ڪيائون. ستگورن جو چمڪندڙ چهرو ڏسي ۽ من موهيندڙ ڪيرتن ٻڌي سڀ سندن چوڌاري ويهي ويا. سندن اکيون پريم ۾ ٻوڙيل ويئون ۽ هنن جو چت اڪال پرک ۾ لڳي رهيو. ساري رات هو پريم ۾ مگن رهيا. صبح جو جان فقير در کوليو، ته ڏسي ته هڪ به ماڻهو دروازي تي ڪونهي؛ تنهن ڪري ڏاڍو دکي ٿيو، ڇو جو ڏٺائين ته منهنجي ڪمائيءَ جو رستو بند ٿي ويو.

اچن.“ ٻئي ڏينهن مٿو ٽيڪي جڏهن وڃڻ تي هو، تڏهن سنگت ترسايس ۽ گرو صاحب جي اڳيان حاضر ڪيائونس. گرو جن ڇوڪر کان پڇيو ته ”ٻچا! تون ڇو هن وقت مٺي ننڊ ڦٽائي اسان وٽ اچين؟ هيءَ تنهنجو وقت آهي کائڻ، راند ڪرڻ ۽ سمهڻ جو.“ بالڪ جواب ڏنو ته ”سوامي! هڪ ڏينهن مونکي اميءَ چيو ته ”باهه ٻار.“ مان لڳس باهه ٻارڻ. جڏهن مون ڪاٺيون وڌيون، تڏهن باهه ٻريائين لڳي ننڍن ڪکن کي ۽ پوءِ وڏن کي. انهيءَ ڪري مونکي ڀپ ٿيو ته متان ڪال روپي اگني اچي مونکي ننڍي هوندي ئي لڳي ۽ پرمشور جي ڀڄن جو وجهه ملم يا نه ملم، تنهنڪري مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته مان گرو ڪريان.“ سنگت اها ڳالهه ٻڌي حيران ٿي وئي ۽ گرو بابا بلڪل پرسن ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته ”ٻچا! آهين سو ننڍو، باقي ڳالهيون سو ٻڍن وانگر ٿو ڪرين. اسين هن وقت کان وٺي تنهنجو نالو ٻڍو ٿا رکون.“ هي پيارا، ڪال قهري سڀني جي مٿان ٻڌو آهي؛ تنهنڪري سڄاڳ ٿي گروءَ دئاران نام ڌياءِ ته انت ويلي سکي ٿيئين.“

صاحبن جي دنيا سان پائي ٻڍو صاحب ايڏي عمر جو ٿيو ۽ ايتري قدر سڀ گرو صاحب کيس عزت ۽ مان ڏيندا هئا، جو گرو انگد ديو جن کان وٺي سري

فقير جي ڪن ٻڌي. هو ٻڌي عجب کائڻ لڳو ۽ دل
۾ چوائين ته هي ڪم مونکان ته ڪونه ٿيو آهي. نيت
هن جاتو ته هي ڪر اُنهيءَ الاهي نُور جو آهي، جنهن
ماڻهن کي پنهنجي پريم جي وس ڪري ڇڏيو آهي.
هو ڪوڙهيءَ وٽ آيو ۽ چوائينس ته مونکي ڪرپا ڪري
هلي اُهو سنت ڏيکار، جنهن توکي مرض کان آجو ڪيو
آهي. هو فقير کي صاحبن وٽ وٺي آيو. فقير صاحبن
جي چرنن تي ڪري پيو ۽ زار زار روئڻ لڳو. هو چوڻ
لڳو ته ”سوامي! مان وڏو پاکنڊي آهيان. ڪرپا ڪري
منهنجا اپراڌ بخشو.“ صاحبن کيس اُپديش ڏنو ته
”پيارا، هڪ پرماتما جي ڀڳتي ڪندو ره ته اُهو شهه
(پرماتما) پاڻيهي تو وٽ ايندو.“ اهڙيطرح ستگورو
شهه سهاڳڻ جو اُڌار ڪري ٻئي پاسي روانا ٿيا.

باب ٻاويهون

ڀائي منسکر ۽ راجا شوَ ناڀ جو پرسنگ

سري گورو نانڪ ديو جن جڏهن سلطانپور ۾ مودیخاني
جو ڪم ڪندا هئا، تڏهين هڪ دفعي ڀائي مرداني کي
چوائون ته ”پيارا، تون مڻن مائٽن کان موڪلائي اچ.
اسين گڏجي ڏورانهين ديس ڏانهن هلنداسون.“ ڀائي
مرداني جواب ڏنو ”جيڪا اوهانجي آگيا. پر هڪ ڦرنو
پنيان رهجي ويندو. آگيا ڏيو ته اُهو ميڙي هلان.“
ستگورن فرمايو ته ”اَبا ڪهڙو ڦرنو اَٽيڪي؟“ تنهنتي

هوڏانهن ماڻهو به گهڻي وقت کانپوءِ اکيون کولهن
ڇا ڏسن ته اُهو الاهي نُور، جنهن سندن من کي موهي
مست ڪري ڇڏيو هو، سو نهيٺي ڪونه. گوروجن
ماتا نانڪيءَ جي ياد ڪرڻ تي اوڏانهن وڃي نڪتا
هئا، ڇو جو سندن پنهنجي پياري ڀيڻ سان اهو اقرار
هو ته ياد ڪرڻ تي اسين تو وٽ اچي نڪرنداسون.

پس هن وقت کانپوءِ ماڻهو اُنهيءَ نُور لاءِ واجهائڻ
لڳا ۽ شهر سهاڳڻ کي ڇڏيندا به ڪونه هئا. صاحبن وري
ٻئي چند تي اُنهيءَ ملڪ ۾ چرن گهمايا. وات تي هڪ
ڪوڙهيءَ ۽ ٽنڊي جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي نڪتا
ڪوڙهئي مان ايتري بدبوءِ ايندي هئي، جو سندس
مائٽ به ڪنهن جهنگ ۾ ڇڏو ڪري ويا هئا ۽ ماڻهون
پکي به سندس وِيجهو نٿي آيا. صاحب ڀائي مرداني
۽ ڀائي ٻالي کي ساڻ ڪري هن جي جهوپڙيءَ ۾ ويا
هن جي بدبوءِ جي ڪا پرواهه نه ڪيائون. ساري رات
هنکي مالش ڪيائون ۽ کيس صحت بخشيائون. صاحبن
جي ديا سان هن جي ديهي ارڙي ٿي پئي. ڪوڙهئي
پاڻکي نئون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ستگورن جو
شڪرگذاري ڪرڻ لڳو. صاحبن کيس چيو ته "آبا
جيڪڏهين ڪو توکان پڇي ته تون ڪيئن مرض کان
آجو ٿئين ته چئجانءِ ته مونکي شهر سهاڳڻ جا هٿ پهتا.
اِها ڳالهه چوگرد پکڙجي وئي ته ڪوڙهئي جو دک
شهر سهاڳڻ فقير تندرست ڪيو. تان جو اِها ڳالهه وڃي

سان هنڪي آدرستڪار ڪري پنهنجي پرسان وهاريو
۽ حال احوال پڇيو. احوال پڇڻ بعد جيڪا شيءِ شڪل
ونس موجود هئي، سا ڪڍي ڏنائين ۽ چوڻ لڳو ته ”پيارا
باقي ڳهڻ ڳٺن ۽ ڪپڙن لاءِ اوهانکي هڪ ٻه ڏينهن
ترسڻو پوندو.“ تنهنتي ڀائي ڀاڳيرت ۽ ڀائي مردانو
ڀائي منسک وٽ اها رات ٽڪي پيا.

صبح جو سج ڪٿرو مٿي چڙهي آيو ته ٻئي سک
باڻي پڙهڻ ۾ مشغول رهيا. ڀائي منسک کان وڌيڪ ترسيو
نه ٿيو، سو سندن پيرن تي ڪري هٿ ٻڌي وينتي
ڪرڻ لڳو ته ”اي ڀاڳوان پرشو! ڪرپا ڪري مونکي
ٻڌايو ته اوهين ڪهڙي مهاپرش جا شش آهيو، جنهنجي
باڻي ٻڌندي منهنجي من کي ڏاڍو آنند اچي ويو آهي.
ديا پالي مونکي ٻه انجو ڏس ڏيو ته مان ٻه سندس
درشن ڪري نهال ٿيان.“

ڀائي ڀاڳيرت ۽ ڀائي مرداني پريم وچان اتر ڏنو ته
”اي پيارا، اهو داتار، جنهنجا اسين شش آهيون، اهو
داتار جنهنجو اسين جاپ جپيون ٿا، انجو نالو آهي ستگور
نانڪ، انجو نالو آهي شاهن جو شاهه نانڪ، انجو نالو
آهي نماڻن جو ماڻ نانڪ، انجو نالو آهي نتاڻن جو تاڻ
نانڪ. هو سنسار کي تارڻ لاءِ هن وقت اوتار ڌاري آيو
آهي، جنهنجي درسن ڪئي من کي شانتي اچي وڃي
ٿي. جنهنجا چرن ڇهندي اندر ۾ آنند اڀپن ٿئي ٿو ۽
جنهنجا ٻول ٻڌندي هردو سيتل ٿئي ٿو. هو اسان

ڀائي مردانو هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته "غريب نواز! وڏو ور
نياڻي ويٺي آهي. اُنجو ڪارج ڪري ٻوءِ نشچنت ٿي
اوهان سان هلڻو هلندس." ستگورن فرمايو ته "پيارا،
اِها چنتا لاهي ڇڏ. تون بيشڪ سندس وواهه جو سڀ
ڪر. سامان سڀ ڪو ٿو ۽ ڀلو جو توکي ڪٿي ڪونه ملي
سگهندو، اُنلاءِ توکي لاهور وڃڻو پوندو. تون اسانجي
پياري ڀائي ڀاڳيرٿ کي به ساڻ وٺي وڃ ته توکي
سولائي ٿئي."

پوءِ ڏينهن ستگورن ڀائي ڀاڳيرٿ کي ڪجهه پئسا
ڏيئي، ڀائي مرداني سان لاهور روانو ڪيو. هو ٻئي
وات تي منزلون هڻندا، اچي لاهور پهتا. شهر ۾ گهڙي
هو ضروري شين جي پڇا ڪرڻ لڳا. ڏس مليو ته
فلاڻي گهٽيءَ ۾ هڪ وڏي ڪوٺي ڀائي منسکه نالي
هڪ شاهوڪار جي آهي، اُتان سڀ شيءِ شڪل ملي
سگهندي. ماڻهو بلڪل سچو آهي، اگهه به واجبي ٿو
وٺي ۽ شيءِ به سٺي ٿو ڏئي، سو اوهين اُتي وڃو.

ڀائي ڀاڳيرٿ ۽ ڀائي مردانو، ڀائي منسکه جي ڪوٺي،
پڇائي اوڏانهن ويا. ڪوٺيءَ تي چڙهي چوڻ لڳا،
"ست ڪرتار! ست ڪرتار!!" ڀائي منسکه، جو هڪ
پريمي هو، سو هيءُ پريم ڀريل آواز ٻڌي خوش ٿيو.
دل ۾ سوچڻ لڳو ته هنن جي پيشانيءَ ۾ عجيب نُور پيو
چمڪي، سو شڪ نه آهي ته هنن کي اها شيءِ ملي وئي
آهي، جنهن جو مان پياسو آهيان. ڀائي منسکه گهڻي پيار

۽ مٿس ديا جي درشٽي ڌري کيس چيو ته ”ٻارا هاڻي وڃ ۽ وڃي چؤطرف رام نام جو دنيا کي جاپ جپاءِ ۽ هزارن دکي دلين کي پنهنجي سڳنڌ جو واس وٺاءِ ۽ دنيا کي ٻين پاسن کان هٽائي هڪ پتا جي لڙه لڳاءِ ته تنهنجو به جنم سڦلو ٿئي ۽ عام لوڪن جو به نيتارو ٿئي.“ ”ست وچن“ چئي، ڀائي مسڪه ستگورن کي مٿو ٽيڪي لاهور روانو ٿيو.

ڀائي مسڪه ستگورن وٽان موٽي اچي پنهنجي ڪرت ڪار کي لڳو. اتي گوروءَ جي سچي سک وانگر پنهنجي واپار کي به لڳو رهيو ۽ واهگوروءَ جو نام به جپيندو رهيو. هر روز امرت ويلي اشنان پاڻي ڪري باڻيءَ جو پاٺ پريم سان ڪندو هو ۽ ڪڙاهه پرساد تيار ڪري ستگور نانڪ ديو جو ڌيان ڌري ڀوڳ لڳائي پنهنجن سنگتن کي به ورهائي ڏيندو هو ۽ پاڻ به ورتائيندو هو. سڄو ڏينهن سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو ڌنڌو ڌاري ڪندو هو ۽ شام جو رهراس صاحب جو پاٺ نت نيم سان ڪندو هو. ستگورن جي آگيا انوسار هو چؤطرف ديس ديسانترن ۾ ڦرندي پنهنجو واپار به ڪندو هو ۽ لوڪن کي واهگوروءَ جي نام جو رس به وٺائيندو هو.

هڪ ڏينهن ڀائي مسڪه پنهنجو غوراب (جهاز) ڀرائي **سنگلاديپ** (سلون ٻيٽ) ڏانهن روانو ٿيو. اهو سارو ديس ڪرم ڪانڊي هو. اتي پهچي ڀائي مسڪه

دنوي ماڻهن جا دک درد ٻڌي داتار جي در اڳيان دعا گهري رهيو آهي:-

جڳت جلندا رک لئہ، اپڻي ڪرپا ڌار
جت دئاري اُٻري، تتئ لئهہ اُبار.

[بلاول ڪي وار ٻوڙي (١٠) سلوڪ محلا ٽيجا (١)]

يعني تہ هي سروشڪتيوان سائين! سنسار پاپن ۽ دکن جي باهہ ۾ جلي رهيو آهي. جنهن رستي وٺئي تنهن رستي سنڌس رکيا ڪر.

”هي پيارا، جيڪڏهين تو اڳي سنڌن نالو نہ ٻڌو آهي ۽ سنڌن درشن نہ ڪيو آهي تہ هينئر ئي اسان سان گڏجي هل ۽ سنڌن چرن چمي نهال ٿيءُ ۽ پنهنجي جنم جنمانترن جا پاپ مٽائي پنهنجو جنم سڦلو ڪر.“

ستگوروءَ جي مهما ٻڌي ; ڀائي منسک جي اندر ۾ ستگورن جي درشن ڪرڻ جي ايتري تہ اُڪير جاڳي، جو هو اُنهيءَ دم پنهنجو سمورو ڪم ڪار سميٽي، ڀائي مردانې کي ضروري شيءِ شڪل وٺي ڏيئي، ساڻن گڏجي سلطانپور روانو ٿيو.

ٿئي جڏا منزلون هٽندا، نيٺ اچي ستگورن جي چرنن ۾ سهڙيا. ڀائي منسک، جنهنجو هردو اڳيئي ڪومل ۽ پوتر هو، سو ستگورن جو درشن ڪري گد گد ٿي ويو.

ڀائي منسک ستگورن وٽ سڄا سارا ڇهہ مهنا رهيو ۽ اُهو آنند ۽ رس ماڻيائين، جو سنڌس خواب خيال ۾ بہ نہ هو. ڇهن مهنن گذرڻ بعد ستگورن سنڌس پنئي نپڙي

ٻڌي تپي باهہ ٿي ويو ۽ اُنهيءَ دم حڪم ڪيائين تہ اهڙي واپاريءَ کي مون وٽ جلد حاضر ڪريو.

ڀائي منسکہ کي جڏهين اهو حڪم پهتو، تڏهين هو اُٿي ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي، ستگورن جو ڌيان ڌاري ارداس ڪرڻ لڳو تہ ”هي گهٽ گهٽ جا جاڻڻهار پتا! هي سمرٿ ستگور نانڪ ديو! مان اڄ اوهانجي اڳيان ڪهڙي وينتي ڪريان؟ اوهين جاڻي جاڻڻهار آهيو. هر جڳهہ پنهنجي فتح ڪندا رهيا آهيو. هيءُ ديس بہ ست مارڳ کان ڀلجي ڀرمن ۽ سنسن ۾ غرق ٿي رهيو آهي. اوهين ديا پالي هن ديس جي لوڪن کي سچو رستو بتايو تہ هو پنهنجو جنم سڦلو ڪن.“

اها ارداس پائي، ڀائي صاحب پاڻ سان ڪجهہ ڀيٽا کڻي راجا جي دربار ۾ آيو، جتي برهمڻن ۽ پنڊتن جا مڙ اڳيئي اچي ڪنا ٿيا هئا ۽ اهائي آس رکي ويٺا هئا تہ اڄهو ٿا هنکي ڪرم ڪانڊي بڻايون يا هن ديس مان لوڏائي ڪڍون.

ڀائي منسکہ دربار ۾ گهڙي راجا اڳيان ڀيٽا رکي، پرنام ڪري پاسرو ٿي ويٺو. راجا شوخيءَ سان ڪانئس پڇڻ لڳو تہ ”اي پارتواسي! تون ڏسڻ ۾ تہ هندو ٿو اچين. تنهنجي پوشاڪ ۽ ويس بہ تہ هندو آهي، پوءِ تون ڪهڙي سبب شاسترن جي مريادا جي برخلاف هلت هلي رهيو آهين ۽ ڇو پنهنجي ڌرم ڀرشٽ ڪري رهيو آهين؟“ ڀائي منسکہ چيو تہ ”هي سوامي، مون

هڪ جاءِ مسواڙ تي ڪري، پنهنجو سمورو سامان رکائي، پنهنجي ڪرت ڪرڻ لڳو. هتي به هو نت نيم موجب سوير اُٿي، پاٺيءَ جو پاٺ ڪري، ٺاڪر صاحب تيار ڪري، پنهنجن سنگين ۾ ورهائيندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترا ڏينهن گذري ويا. آهستي آهستي ڳالهه پکڙجڻ لڳي ته ”ڀارت ديس مان هڪ نئون واپاري آيو آهي، جنهنجي هلت چلت سڀ اسان سنساري لوڪن جهڙي آهي؛ پر سندس پيشانيءَ ۾ عجيب نُور پيو بکي. سندس ڳالهائڻ به رس ڀريو ۽ مٺو آهي ۽ نمرتا به حد درجي جي اٿس، پر افسوس جو هو اسان وانگر ڪرم ڪانڊ نٿي پورو نه آهي. هو نڪو رکي ٿو ورت نيم، نه ڪري ٿو ڪو جپ تپ ۽ نه پڙهي ٿو سنڌيا يا گائتري ۽ نه پوڄي ٿو سالگرام يا ڪا ٻي مورتي. سندس نمونو اهو آهي جو هڪ نئين پوليءَ ۾ جاپ جپي ٿو ۽ ڳائي ٿو ۽ چوي ٿو ته اها واڻي مڪتي ڏيڻ واري آهي.“

اُتي جا پوڄاري اها وارتا ٻڌي راجا شوناڀ وٽ دانهين ويا ته ”فلاڻو واپاري هتي اچي پنهنجي نئين نموني جي پوڄا پرتشٺا ڪري رهيو آهي ۽ عام لوڪن ۾ به پرچار ڪري ڪين ڀرشٽ ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن نه هنکي اوهين گهرائي فهمائش ڪريو يا ڪمس ديس نيڪالي ڏيو، نه ته ديس مٿان ڪا آپدا اچي ڪڙڪندي.“

راجا شوناڀ سخت ڪرم ڪانڊي هو، سو اها ڳالهه

اٿم بري پاسي وڃڻ ڪان. انهيءَ ورت رکڻ لاءِ مونکي
پنهنجي سواميءَ جو حڪم آهي. منهنجي گوروديو جا
هي وچن آهن، سي راڃن، دل لائي ٻڌو:-

”من ڪا سونڪ لوڀ هيءِ جهوا سونڪ ڪوڙ
اکي سونڪ ويکڻا، پرتريءَ پرڌن روپ
ڪني سونڪ ڪن پيءِ، لاءِ تباري کاهه
نانڪ هنسا آدمي، ٻڌي جم پر جاهه“

[آسادي وار پؤڙي ١٨]

يعني تہ هي راڃن! من جو سونڪ لوڀ آهي ۽ زبان جو سونڪ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. اکين جو سونڪ آهي پرائي استريءَ ۽ پرائي ڌن کي تڪڻ. ڪنن جو سونڪ اهو آهي جو ڪنن سان ٻين جون چغليون ٻڌجن. هنس جهڙو آدمي اهي وڪار ڌاري جمپوريءَ ۾ ٻڌجي وڃي ٿو.

”اهو آهي ورت، جو منهنجي سواميءَ مونکي سمجهايو آهي ۽ جو مان هردم رکان ٿو. اچا ٻہ اوهين چئو ٿا تہ مان ڪو ورت ڪو نہ ٿو رکان!

”جاپ ٻہ هي راڃن! مان اهو جپيان ٿو، جو ستگورن جو مونکي ٻتايل آهي. منهنجي زبان اٿندي وهندي، سمهندي جاڳندي، هلندي چلندي، ”سري واهگورو، سري واهگورو“ جپي ٿي. منهنجو هڪڙو دم بہ انهيءَ جاپ جي جپڻ کان خالي نہ آهي. انهيءَ جاپ جي جپڻ جي مونکي ايتري قدر پياس آهي، جو ”آڪا جيون

اوهانجي ڳالهه جو پورو مطلب ڪين سمجهيو." تنهن تي راجا چيو "هي جو تون شاسترن جي برخلاف نه رکين ٿو ورت نيم، نه ڪرين ٿو ڪا پاٺ پوڄا ۽ نڪو ڪريا ڪرم، سو ڪهڙي اکر؟"

پاڻي مسڪرائي ورا ڻي ڏني ته "هي سوامي! جي مان ورت نه رکان، جاپ نه جپهان ۽ اشٽ ديو کي نه ڌيايان ته مان جهڪر ڪيئن هن سنسار ۾ رهي سگهان؟ پر منهنجي ورت نيم، جپ تپ، پوڄا تپسّيا جو نمونو عام لوڪن جي پوڄا وغيره کان نرالو آهي.

"هي راجن! اوهين چت لائي ٻڌو ته اهو ورت ڪهڙو آهي جو مان رکان ٿو، اُهو جاپ ڪهڙو آهي جو مان جپيان ٿو ۽ اهو ديو ڪهڙو آهي جنهن کي مان ڌيايان ٿو. مان ايڪادسي، پارس ۽ تيرس جا ورت ڪونه رکان. مان ڪرتار جي اپايل وستن (اَن جل) جو ورت ڪونه رکندو آهيان، پر مان آتما کي ناس ڪندڙ وڪارن جو ورت هر روز رکندو آهيان. اُهي آهن ڪوڙ، ڪپٽ، ٺڳي، فريب، نندا، پرائي پچار، بخيلي وغيره. اٿم پر اهو ورت نه رڳو وات کي، پر جسم جي هرهڪ انگ کي. هي راجن! اکين سان مان ڀلجي به ڪڏهين پر استري ۽ ڏي نه نهاريان. هرهڪ استري ۽ کي مان پنهنجي ماءُ يا ڀيڻ يا ڌيءَ ڪري سمجهندو آهيان. هي راجن! ڪنن کي ورت اٿم پرائي نندا ٻڌڻ کان؛ هٿن کي ورت اٿم ڪوڙن ڪمن ۽ ڪُڪرمن ڪرڻ کان؛ پيرن کي ورت

دوُجا ڪاهي سمرٿئي، جهي ٿي مرجاءِ
ايڪو سمرو نانڪا، جل ٿل رها سماءِ.

ڀائي صاحب جا اِهي مٺا وچن راجا جي هردي ۾ چڀي ويا. هو ڀائي صاحب جا قدم چمي چوڻ لڳو ته "پيارا، مونکي ساري عمر جيڪي نه مليو، سو اڄ مونکي تنهنجي وچن ٻڌڻ مان آيو آهي. ڀلائي ڪري مونکي ٻڌاءِ ته اُهو داتار ڪير آهي، جنهن توکي اِهو ورت ڏنو آهي، اِهو جاپ جپايو آهي ۽ ديوَن جي ديو اَڪال پورکه جي پوڄا ڪرائي آهي. مونکي به وٺي هلي اُنجو درسن ڪراءِ ته مان سندس ديدار ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪريان."

ڀائي منسک چيو ته "راجن! اُن سائينءَ وٽ هلي ساڻس ملڻ مشڪل آهي، ڇو جو هو سنسار کي تارڻ لاءِ ديس ديسانتر رٿن ڪري رهيو آهي. سو تون ٻيا سڀ آسرا ڇڏي، هن سچي سائينءَ کي اَتي ئي ٻهر پريم سان ياد ڪر ته هو توکي اوس اچي درسن ڏيندو. هن سچڻ ڪيترن جهڙي دراچاريءَ جا به ٻيڙا پار ڪيا، سو هو ڪيئن نه تنهنجي منوڪامنا پوري ڪندو؟"

ڀائي منسک جي مٺا لفظ راجا شوناڀ جو اهڙو حال ڪيو، جو "ست وچن" چئي، پنهن پاسن جو خيال ڇڏي، اندر ۾ "نانڪ! نانڪ! سچا گورو نانڪ، مکتيءَ جا داتا نانڪ، رحمت جا سائين گورو نانڪ،" اِها ڌني ڪٿي لڳايائين. شبد جهڪي ستگوروءَ جا

وسري مرجا" يعني نام ڄپڻ تون جيئان پيو، نه نه
وساري ڪري مري تو وڃان. اِنهيءَ هوندي به راڄن!
اوهين چئو ٿا ته مان ڪو ڄاپ نٿو ڄپان!

" اهڙيطرح مان پنهنجي ديو کي به ڏيايان ۽ پوڄيان
ٿو. بيشڪ مان هٿن سان ٺاهيل ديو کي نٿو پوڄيان ۽ پر
اُنهيءَ کي، جنهن اسان سڀني کي پيدا ڪيو آهي ۽ جو
آهي اَڪال، اَجوني، سمئيو، سرو وياپڪ ۽ سرو پورڻ پالڪ.
هو سڀني ديون جو ديو آهي ۽ ٻيا سڀ ديو ديوتا اُن
جي در تي پڪاري رهيا آهن. ان ديو جي حڪم ۾
سڀ رشي مني، پير پيغمبر، ولي نبي، جتي ستي ۽
ٻيا انيڪ آهن."

ڀائي منسک جي وچڻ راڄا شوناب جي دل تي تمام
جيان اثر ڪيو. هو اکين ۾ پاڻي آڻي، چوڻ لڳو ته
" اي سنت! تنهنجا وچن منهنجي من کي آنند ٿا
بخشين، سو ديا پالي مونکي وڌيڪ پربوڌ ڏي." پوءِ
ڀائي منسک راڄا کي اُپديش ڪيو ته "راڄن! جيڪڏهين
ڪو ورت ۽ ڄاپ اِنسان جي آتما کي فائدو رسائي
سگهي تو ته اُهو ورت ۽ ڄاپ آهي، جو مون اوهانکي
ٻڌايو آهي. پوڄا به ڄڳائي ديون جي ديو جي. جڏهين
ديو ۽ ديوتائون پڻ اُنجي در تي سوالي آهن، تڏهين
اُن هڪ سچي سرجڻهار کي ڇڏي، ڇو ٻين جي اڳيان
هٿ ٽنگجي؟

پاڻ کي "گورو نانڪ" سڏائي راجا وٽ آيا. ٻه چار اهڙا پاکنڊي گورو نانڪ جو روپ ڌاري راجا جي در تي هر روز ايندا رهيا، پر ڪنهن هڪڙي مان به راجا جي دل کي فرحت نه آئي. آخر ڪڪ ٿي راجا اهڙن پاکنڊين جو درشن ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. کي سندر ۽ حسين استريون مقرر ڪيائين. جيڪو به پاڻ کي "گورو نانڪ" ڪوٺائي آيو ٿي، تنهنکي اهي حسين استريون پرکنديون هيون. راجا هر روز انهن استرين کي پاٽوٽ گهرائي پڇندو هو ته منهنجو پرانن جو پران، منهنجو سرتاج گورو نانڪ ديو آيو؟ پر ڪنهن اهو جواب ملندو هو ته هو اڃا نه آيو، جنهنڪري گورو نانڪ لاءِ هن جي دل ۾ وڌيڪ سڪ ۽ اُڪير جاڳي. هاڻي نه سندس ڪاڻ پنڌ ۾ چئي رهيو. نه نهٽن ۾ ننڊ هيس ۽ نه اندر ۾ آرام. هر دم پيو چوي: "گورو نانڪ! پيارا گورو نانڪ! منهنجا سردار گورو نانڪ! ڪڏهين تون موکي درشن ڏيئي نهال ڪندين؟" هو ڏاڍي ۽ سڪ سان ڳائيندو رهيو:-

(١) آءُ مل ستگور نانڪ جي، دل تڪنوں چاوندا
مهري اکيان پئيان ترسنديان،
نهي ڪڇ هور پاوندا

(٢) هم ڪوڪر تهري دردي،
نهي هور ڪسي نون ٻردي

ڀائي مسڪه کي ياد هئا، سي ڪانئس لکائي ورتائين ۽ اُن وقت ڪانوئي سنجهه صبح مستيءَ جي رنگ ۾ اچي "نانڪ، نانڪ" نالي سمرڻي سورڻ لڳو.

ڀائي مسڪه ڪجهه ڏينهن رهي، راجا کان موڪلائي پنهنجو غوراب پرائي، وري ڪنهن ٻئي پاسي روانو ٿيو. هلڻ مهل راجا شوناڀ ڪانئس ستگوروءَ جي سڃاڻڻ جي نشاني پڇي. ڀائي مسڪه چيو ته "راجن! جنهن پياري جي درسن ڪئي تنهنجا نيڻ ٺري پون، جنهن جا ٻول ٻڌندي تنهنجي اندر کي سانت اچي، سوئي اُنهئي ستگورو نانڪ. هن جهڙو ڪو ٻيو ڪونهي. اُنجي درسن ڪئي ڪنهن ڪنور دل ۽ اڀراڌي به ٺري ويا." بس راجا به ڪٽي اِها ڳالهه ڳنڍي ٻڌي ۽ لڳو ستگوروءَ جي يادگيري ڪرڻ. اُٿندي وهندي هردم سندس واتان اِها ڌن پئي نڪتي:-

"من موهه ليئا گورو نانڪ ني
گورو نانڪ نانڪ ني."

سڀ ڪانڻ پهڻ وسري ويس ۽ راج پاٽ به مٺو نٿي لڳس. هر وقت وراڳ ۽ پريم ۾ مگهن رهيو. ڏينهان ڏينهن اِها ڳالهه پڪڙجي ويئي ته سنگلاديپ جو راجا شوناڀ ستگورو نانڪ نالي هڪ سنت جي پريم ۾ مست ٿي ٻيو آهي. رات ڏينهن اُٿندي وهندي هڪئي اُن ٻيو ياد ڪري. اِها ڳالهه ٻڌي لوڀي ۽ ڦورو، وڏا وڏا ٺلڪ چاڙهي ۽ ڀڳهون مالهائون پائي،

بڌڻ تي ڏڪندو آيو ۽ اچي صاحبن کي پيرين پيو. خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. جهٽ ڊوڙي راجا شوناڀ جي ڪچهريءَ ۾ ويو ۽ راجا کي عرض ڪيائين ته "راڄن! اڄ هڪ مهاپرش پنهنجي چيلن سميت سرڪاري باغ ۾ براجمان ٿيو آهي، جنهنجي پرتاپ سان سڄو باغ سائو ٿي پيو آهي ۽ سڀ وڻ ۽ ٻوٽا پر ڦلت ٿي پيا آهن." راجا اها خبر ٻڌي، گهڻو پرسن ٿيو ۽ پنهنجي وزير **پرسرام** کي گهرائي چيائين ته "باغ ۾ هڪ مهاپرش آيل ٻڌجي ٿو. تون اوڏانهن وڃ ۽ جي هنجو نالو سري نانڪ هجي ته هنجي چڱيءَ طرح پريکيا وٺي موٽي اچي ٻڌائج." وزير تمام عمدا پوڄن ڪٺائي، سٽگورن وٽ باغ ۾ ويو ۽ هٿ ٻڌي نمسڪار ڪري، پوڄن اڳيان رکي، ارداس ڪيائين ته "سوامي! راجا شوناڀ هي پوڄن اوهان لاءِ موڪليو آهي. ڪرپا ڪري انگيڪار ڪريو." تنهن تي سري گورو بابا فرمائڻ لڳا:-

"رس ڪس سواد انيڪ هيءَ، ٻڪ ڦل ميٺي چاکه."

يعني ته مٺن، ڇهن ۽ رسيلن پوڄن ۾ سواد گهڻو ٿي آهي، پر ڦل سندن آهي زهري. مطلب ته سوادي کاڌن ۾ ڪو مزو نه آهي ۽ انهن جي کائڻ منجهان گهڻا وڪار پيدا ٿين ٿا. مهارس فقط نام ۾ ئي آهي، جنهن مان انيڪ سک پيدا ٿين ٿا. اهو پرڀوت ٻڌي، وزير عجب ۾ پئجي ويو ۽ راجا کي اچي ٻڌايائين ته سوادي پوڄن کان سمت پري آهي ۽ نٿو وٺي. تڏهين راجا

تيري آسا چت وچ ترديءِ،
دل ڪٺي به نه جاوندا.

اهڙيءَ طرح راجا گهڻو وقت ستگورو نانڪ ديو جن جي يادگيريءَ ۾ گذاريو. آخر رحمت جا بادل گرجڻ لڳا؛ چاتڪ شوناپ جي مک ۾ درشن جي بوند پوڻ جي تياري ٿيڻ لڳي.

ڪئين ديس ديسانترن جا بيڙا پار ڪري، ستگورو نانڪ ديو جن ڀائي مرداني کي چوڻ لڳا ته "پيارا، اڳتي هلڻ اسانجو نهيو؛ اسانجي هاڻي دل سنگلاديپ هلڻ لاءِ پيئي تڙڦي. اسانجو پريتم اسانکي ياد ويٺو ڪري، سو اسانکي ٻئي پاسي هلڻ نٿو ٿئي. هينئر اسين اوڏانهن هلون ٿا. پوءِ جي ڪرتار جي مرضي هوندي ته وري ٻئي وقت هن ديس جو سير ڪنداسون." ڀائي مردانو چوڻ لڳو ته "سوامي! جا اوهانجي رضا. جا اوهانکي وڻي سا واهه واهه." ڀائي مرداني جو اهو جواب ٻڌي، ستگورن سڌو سنگلاديپ ڏي رخ رکيو.

ستگورن ڀائي بالي کي به پاڻ سان کنيو. جڏهن ستگورو، ڀائي مردانو ۽ ڀائي بالو سنگلاديپ پهتا، تڏهين شهر جي ٻاهران هڪ سڪل باغ ۾ اچي ڏيرو ڪيائون. اُتا صاحبن پهڻجا پوتر چرڻ سڪل باغ ۾ پاتا ته سڀ وڻ ۽ بوٽا سرسبز ٿي ويا. اهو ڪوتڪ ڏسي، مالهن وڃي باغائيءَ کي ٻڌايو. هو جو باغ کي سڪل ڏسي ناأميد ٿي وڃي شهر ۾ رهيو هو، سو هن خوشخبريءَ

ارٿ :- هي ڀلارل استريون ! جي سچو ڀچو ڪو ڳهڻو
هٿ ڪرڻو آهي تہ من کي موتي ٺاهي ڳهڻو ڪريو.
اوهانجو سُونهن ڌاري يعني ڌاوڻ ڪنٺڻ پراڻ تيرٿ گهرجي
يعني پران دتاران اوهين واهگوروءَ جو نام جپيو، جا
استري ڪما جو سمگار ان تي ٻهري ٿي، ساڻي ٻهاري
پنهنجو پيارو پتار ماڻي ٿي.

لعل ٻهہ گڻ ڪامڻ موهي، تيري گڻ هوهہ
نہ آوري (اڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي لعل! ٻئي روپي استري تنهنجا انيڪ
گڻ ڏسي موهت ٿي پئي آهي. هي پريو! تنهنجا گڻ
ٻئي ڪنهن ديوي ديوتا ۾ نہ آهن. (اوري = ٻين ۾.)

(٢) هرهر هار ڪنٺ لي ٻهري، دامودر دنت ليئي
ڪر ڪر ڪرتا ڪنگن ٻهري،
ان ٻڌ چت ڌريئي

ارٿ :- 'هري هري' ڪرڻ، اهو هار ڪنٺ ۾
ٻهريو؛ "دامودر" لفظ ڇنگهہ ڏندن کي ٻڌ جي ڪريو
يعني "دامودر" لفظ وات سان اُچاريو؛ هردي روپي
هٿ ۾ اهو ڪنگڻ ٻهريو، جو ڪرتار جو نالو وٺو. انهيءَ
طرح اوهانجو چت ڌيرج ۾ ايندو.

(٣) مڌ سوُدن ڪر مندري ٻهريُ،
پرميشر پٽ لهيئي
ڌيرج ڌڙي ٻداويءَ ڪامڻ،
سري رنگہ سرما ديئي

حڪم ڪيو ته "مها سندر استريون، جيڪي سورهن سينگار ڪيل هجن سي سنت وٽ وٺي وڃو." وزير حڪم موجب سندر استرين کي طرح طرح جا زر زيور ۽ پٽ پٽنبر پهرائي ستگورن ڏانهن روانو ڪيو.

اهي نهايت سوينهڪ استريون هار سينگار ڪري ستگورو نانڪ ديو جن وٽ آيون ۽ نانا پرڪارن جا ناز نخرا ڪرڻ لڳيون. پلا ڪاٺ جون مانڊاٽيون اُٿاهه سمند کي ڪهڙن ولوڙي سگهنديون ۽ نربل وايو، سمير پربت کي ڇا چوري سگهندو؟ استرين کي جيڪي حيلا هلائڻا هئا، سي هلايائون، پر ستگورو هماليه پربت جيان اُچل رهيا. ستگورن ڀائي مرداني کي چيو ته "پيارا رباب وڄاءِ ته هنن ڀلين کي سنئين واٽ لڳايون. هي جو ڪوڙا ڳهڻا ۽ وستر پهري آيون آهن، تنکي ڏسيون ته اهي کهڙا ڪپڙا ۽ ڳهه آهن، جي ڀائي مالڪ کي پرسن ڪري سگهن."

ڀائي مرداني رباب وڄايو ۽ ستگورن هي مها سندر شبد اُچاريو:-

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

آسا محلا پهلا شبد (٣٥)

(١) من موتي جي ڳهڻا هووي،

پؤڻ هووي سوت ڌاري

کما سينگار ڪامڻ تن پهري،

راوي لعل پياري

ويو ڪجهه به ڪين. هو سمير پربت وانگر اڏول رهيو.
اُٽلندو اسان تي اهڙي ڪرپا درشٽي ڪئي اٿس، جو
اسانجي بدي به وسِرين ڪان هُئي، هري نام سمرن ۾
لڳي وئي آهي. بيشڪ هي ڪو پُورن سنت ٿو
ڏسجي، جو هنجي درشن ڪندي اسانجو من سانت ۾
اچي ويو آهي. اسانجا ڪي پُورب جا وڏا ڀاڳ جاڳيا،
جو ڪڏهن به ڀانئي وچي هنجي شيوا ڪئيسون جنهن
ڪري هن سڄي رات اُپديش ڏئي پنهنجي ڪرپا
سان اسانکي ڪرتارٿ ڪيو.

راجا شوناڀ هيءَ وارتا ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽
هنکي وشواس آيو ته هي ضرور ستگور نانڪ ديو آهي.
هو اُگهاڙين پيرين اُٿي هلي آيو، جتي ستگورو دين
ديال وڻ جي هيٺان ويٺا هئا. اُن وقت مهاراجن جي
پُٺ راجا جي طرف هُئي. تڏهن هوندي به راجا شوناڀ
ڏنڊوت ڪري اَدب سان هٿ ٻڌي بيهي رهيو، مگر
صاحبن نڪي هن ڏانهن نهاريو ۽ نه ڪجهه زبان سان
ٻوليائون. راجا به ڪو نسڄو رکي بيهي رهيو ۽ چريو ئي
ڪو نه. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهين اَڍائي پهر گذري ويا،
تڏهن ستگورو راجا ڏي نهاري چوڻ لڳا ته "راجن!
اوهين خوش آهيو؟ اوهانجو جيڪو منورٿ هجي، سو
چئي ٻڌايو." راجا وينتي ڪئي ته "سوامي! اول ديا
ڪري مونکي پنهنجي نالي کان واقف ڪريو ته پوءِ
سڀ پنهنجي اِيلاڪا اوهانجي اڳيان عرض رکان." صاحبن

ارٿ:- "مڌسودن" جي ناليِ جو جاپ اها اوهانجي مندي هٽڙ گهرجي ۽ پرمِشور جو نالو اِهي اوهانجا پٽ جا ڪپڙا هٽڙ گهرجن. ڏيرج روپي سينڌ نرڙ تي ڪيو ۽ سري رنگ جو سرمو پايو.

(۴) من مندر جي ديپڪ جالي، ڪائيا سيج ڪريئي
گيان راءِ جب سمجهي آوي،
نڪ نانڪ پوڳ ڪريئي.

ارٿ:- من روپي مندر ۾ گيان روپي ڏيو ٻاريو ۽ ڪايا (بدي) کي سيج ڪريو. گيان دئاران جڏهن پرماتما راجا اوهانجي هردي روپي سيج تي ايندو، تڏهن اوهين سچو آنند پائيندئون.

اِهو شبد ٻڌي ۽ انجو ارٿ سمجهي، انهن اِسترين جا ڪپاٽ ئي کلي پيا. سڀئي اِستريون مهاراجن جي مڌر وچنن دئاران ايشور جي صفت روپي موتين جي مالها ڳچيءَ ۾ پائي، سچي رات صاحبن جا چرن ڪمل شيوي، صبح جو سوير نام ۾ پرپور رهيون. هنڪي ڪوڏين ڳولهيندي هيرو هٿ لڳي ويو. هو ستگوروءَ جي ديا سان وشيه واشنا جي لپٽ ناس ڪري، ست نام سمريندئون، راجا شوناڀ وٽ آيون.

راجا پڇين ته "خبر ڏيو ته رات ست ڪيئن ڏٺو؟"
اِسترين وراڻي ڏني ته "مهاراج! اڄ جهڙي فقير هتان تي ويا آهن، سي اسانجي سونهن ڏسي موهجي ويندا هئا. هن ست کي موهڻ لاءِ اسان گهڻا جتن ڪيا، پر

تنهنتي ولي قنڌاريءَ پڇيس تہ ”تون ڪهڙي ديس جو آهين؟ آهين اڪيلو يا ٻيا ڪنهن سان؟“ ڀائي مرداني سڄي حقيقت چٽي ٻڌايس تہ ”گورو نانڪ ديو مشهور لڇمي پنجاب ديس جو، جنهنکي سڀ سڃاڻندا آهن، جو هر هند جيون کي نام پيو جپائي، جنهنکي هندو گورو ۽ مسلمان پير ڪري ڳا ڪوٺين ۽ وڏا وڏا مهاپرش پڻ جنهنجي اڳيان سجدو ڳا ڪن، تنهنجي سنگ ۾ مان شبد ڳائڻ وارو رٻابي آهيان ۽ هو صاحب هن پهاڙ جي هيٺان وينا آهن. هاڻي مهرباني ڪري پاڻي پيار يوم.“

صاحبن جي استتي ٻڌي ولي قنڌاري لڇي باهہ ٿي ويو ۽ پاڻي ڏيڻ کان انڪار ڪيائين، بلڪ گورو صاحبن کي گهٽ وڌ ڳالهايائين: چي ”تنهنجو گورو جيڪڏهن اهڙو سمرٿ آهي تہ جتي وينو آهي، تتي چو نہ تو پاڻي پيدا ڪري؟ توکي شرم نٿو اچي جو مسلمان ٿي ڪافر هندو پير کي تو پوڄين؟“ ڀائي مردانو لاچار نراس ٿي موٽيو ۽ سڄي حقيقت اچي صاحبن کي ٻڌايائين.

ستگورو ڪميا ساگر مشڪي ڀائي مرداني کي چوڻ لڳا تہ ”تون وڃي ولي قنڌاريءَ کي چؤ تہ منهنجو گورو چوي ٿو تہ مان هڪ غريب، پرماتما جو داس آهيان. اوهين ديا پالي پاڻي پيار يوم.“ مهاراجن جي حڪم موجب ڀائي مردانو موٽي وري پير وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس تہ ”سائين! پاڻي پيارڻ هڪ وڏو پن آهي ۽

ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايو، جو ٻڌي خوش ٿي هن ڪي پرشن صاحبن کان پڇيا، جن جا اُتر صاحبن ڪيس ڏنا، جي مارو محلا پهلا شبد (١١) ۾ آهن.

گورو جن جا من موهيندڙ وچن راجا شوناڀ جي هردي ۾ چڀي ويا ۽ هو ستگورن جو سچو شش بڻيو. ستگورو ڪي ڏينهن سنگلاديپ ۾ گذاري ۽ "پران سنگليءَ" جي اُپديش سان پنهنجي پياري شش راجا شوناڀ جو اُڌار ڪري، وري ٻئي پاسي روانا ٿيا.

باب ٽيويهون

ولي قنڌاريءَ جو پرسنگ

سري گورو نانڪ ديو جن رٽن ڪندا وري پنجاب آيا ۽ **حسن عبدال** ۾ وڃي لٿا. هڪ ننڍيءَ ٽڪريءَ تي هڪ مذهبي ۽ هٺيلو پيرمرد رهندو هو، جو پاڻ کي **قنڌار جو بابا ولي** ڪري ڪوٺائيندو هو. ٽڪريءَ تي پاڻيءَ جو هڪ ننڍو چشمو هو. ڀائي مردانې کي اُڃ ڏاڍو وياڪل ڪيو. گورو صاحبن ڪيس چيو ته بابا وليءَ کان پاڻي وٺي اُچ. اِهو ٻڌي ڀائي مردانو پهاڙ تي چڙهي ويو ۽ آهستي آهستي وڃي اُتي پهتو. ڀائي مردانې پير جي اڳيان وڃي بندگي ڪئي ۽ چيائين ته "پير سائين! مونکي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي؛ ٻئي ڪنهن هنڌ ويجهو پاڻي ڪونهي؛ خبر ٻڌي اٿم ته توهان وٽ پاڻيءَ جو چشمو آهي، سو مهرباني ڪري پاڻي پياريوم."

ڪريو ۽ مون لوهاڻي وڏائيءَ کي نه ڄاتو هو. مهرباني ڪري اهڙو اُپديش ڏيو، جنهن ڪري پرلوڪ ۾ منهنجي سهائتا ٿئي." اهڙيءَ طرح جڏهين پڪو اعتقاد رکي صاحبن کي نيزاري ڪيائين، تڏهين ستگورن فرمايو ته "پيارا، آئينده حسد بلڪل نه ڪج، جنهن مان ڪجهه به نه وري. هميشه خدا صاحب کي ياد ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪج." ستگورن ڪرپا جي نظر ڪري وليءَ کي پنهنجو ڪيو ۽ ڪجهه وقت اُتي گذاري پوءِ اُتان روانا ٿيا.

باب چوويهون

مڪي ۽ مديني جو پرسنگ

صاحبن هيل سوڌو فقط هندن ۾ ڪرتار جي نام جپڻ جو پرچار ڪيو هو، پر هاڻي سندن مرضي ٿي ته مسلمانن ۾ پڻ الله پاڪ جو پيغام پهچائجي. اِهو خيال ڪري هو ڀائي مرداني ۽ ڀائي بالي سان گڏجي روانا ٿيا. صاحبن نيلا ڪپڙا ڪڇي پهريا. ڪڇ ۾ قران شريف ڪڇي، مٿي ۾ وڏي ڪلاهه (ٽوپي) پائي هٿ ۾ هڪ لٺ ڪنيائون ۽ ڳچيءَ ۾ سيلهي پائي حاجي بڻجي پيا. واٽ تي ڪين هڪ ٻيو حاجي مليو. قدرت اِلاهي، سورج جي گرميءَ ۾ گورو جن جي مٿان هڪ ڪڪر ڇانو ڪندو هليو! حاجي اِنهيءَ اسرار جو اَنت لهي نه سگهيو ۽ صاحبن کي چيائين ته "هيل سوڌو ڪو به هندو حج تي ڪو نه هليو آهي، سو مان اوهان سان نه هلندس. يا

هتي پيو ڪو اسٿان ويجھو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. تنهنڪري مهرباني ڪري توهين پاڻي پهاريو." ولي قنڌاري هڪدم اهنڪار ۾ پرجي چوڻ لڳو ته "جهڪڏهين تون مسلمان تي هڪ هندوءَ جي هيتري تو ساراهه ڪرين ته هاڻي وڃ ۽ هن وٽ. تو جهڙن ڪافرن لاءِ مون وٽ پاڻي ڪونهي."

صاحبن پوءِ پنهنجي لٺ ڪٽي جبل جي تري ۾ هڻي ته هڪدم سيتل ۽ نرمل جل ٻاهر نڪتو ۽ گهڻي زور سان وهڻ لڳو ۽ ولي قنڌاريءَ جي چشمي وارو سڀ جل گم ٿي ويو! بابا قنڌاري ڪروڌ ۾ پرجي هڪ وڏي ڇپ ڪٽي صاحبن تي اُڇلي. صاحبن پنهنجي آڱري ڏيئي ڇپ بيهاري ڇڏي. ولي قنڌاريءَ سڀ زور آزمائي ٿڪو، پر ڇپ اُليٿي اَٽڪي پيئي. تڏهين گوروجن کي وڏو سمجهي اچي سندن قدمن تي پيو.

اِهو نشان اَڃا سوڌو موجود آهي ۽ سک اُنهيءَ هنڌ کي **پنجو صاحب** چوندا آهن. اُتي هينئر هڪ وڏو گوردئارو آهي. اُنهيءَ ڇپ جي هيٺان اڄ تائين تمام عمدو ۽ نرم جل زور سان پيو وهي. چنبي جي نشان ڊاهڻ لاءِ مسلمان بادشاهن اڳئين وقت ۾ ڪيتري ڪوشش ڪئي آهي، پر نشان بلڪل نٿو ڊهي. جڏهن ٿا پٿر ڪڍين، تڏهن نشان اندران نڪرندو پيو اچي.

ولي قنڌاري صاحبن جي گهڻي اُستت ڪري عرض ڪيو ته "يا ڌڻي! رحم ڪري منهنجي خطا بخش

ٿيو. جڏهن جڏهن صاحبن جا پير ٻئي ڦيرايائين، تڏهن تڏهن ڪعبو به ڦرندو ٿي رهيو. اهو حال ڏسي هن حيران ٿي نمسڪار ڪيو ۽ ٻين مسلمانن ۽ قاضين کي وٺي آيو ۽ سڀوري حال مان کين واقف ڪيائين. اهي پوءِ هٿ جوڙي پڇڻ لڳا ته ”هندو وڏا ڪي مسلمان؟“ صاحبن هڪي مٺڙ آواز ۾ جواب ڏنو ته ”هي حاجي! نيڪ اعمالن (چڱن ڪمن) کانسواءِ هندن توڙي مسلمانن کي ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ ڍڪڻو پوندو. هندو توڙي مسلمان چڱن ڪمن کانسواءِ درگاهه ۾ عزت نه پائيندا. سنسار چنبگهر آهي، تنهن ۾ اوهين پاڻ ۾ ڇو ٿا اٽڪو. جڳائي ته اوهين من محبت ۾ رهي نيڪ ڪرم ڪريو، ته ڌڻيءَ جي دربار ۾ مان پايو.“

اُتان ٿي صاحب مديني ويا، جتي حضرت محمد صاحب جي قبر آهي. اُتي پڻ اُپديش ڪري صاحب وري بغداد ۾ آيا.

باب پنجويهون
بغداد جو پرسنگ

مديني کانپوءِ سري گورو نانڪ ديو جن ڀائي مرداني سان گڏجي بغداد ويا. شهر جي ٻاهران صاحبن ”ست نام“ جي ٻانگ ڏني، جا ٻڌي ماڻهن کي عجب لڳو. سارو جپ صاحب اُتي اُچاريائون. بغداد جو **پير دستگير** اهو ٻڌي چوڻ لڳو ته هيءُ فقير ڪو بي دين آهي. قرآن شريف جي برخلاف سکيا ٿو ڏئي ”پاتالان پاتال لک

مونکي اڳ ۾ وڃڻ ڏيو يا اوهين اڳ ۾ وڃو." صاحبن
کيس چيو ته "ابا، جيڪڏهين اسان سان هلڻ نٿو
چاهين ته بيشڪ تون اسان کان اڳ ۾ وڃ." حاجيءَ جو
گورو صاحبن کان جدا ٿيڻ ۽ ڪکر جو به مٿانئس گم ٿيڻ!
حاجي گرميءَ جي تابش ڪري ماندو ٿيو ۽ پڇتائڻ لڳو
ته مون جاڙي واڙي پاڻ سان جٽ ڪئي آهي. صاحب ته
حاجيءَ کان به اڳي اچي مڪي شريف ۾ پهتا. اتي
ست ڪرتار جو شبد بلند آواز ۾ اچاريائون، جو ٻڌي
مڪي جا ماڻهو ۽ حاجي عجب ۾ پئي چوڻ لڳا ته "هي
ڪهڙي قسم جو حاجي آهي! شايد هي ٻي ٻوليءَ ۾
بانگ ٿو پڙهي."

صاحب، ڀائي بالو ۽ ڀائي مردانو ٿڪ جي ڪري
اتي ئي سمهي پيا. گورو صاحبن جا پوتر چرڻ ڪعبي
شريف ڏانهن رهيا. جڏهين پوئون صبح ٿيو، تڏهين
جيوڻ ملو اتي ٻهاري پائڻ آيو. صاحبن جا قدم ڪعبي
شريف ڏانهن ڏسي هنکي ڏاڍو غصو آيو ۽ صاحبن کي
چيائين ته "اي ڪافر! تون خدا جي گهر ڏانهن لتون
ڪري سمهيو پيو آهين؟" تنهن تي گورو صاحب فرمائڻ
لڳا ته "ڀائي! پند ڪري ٿڪا آهيون ۽ سڌ ڪانه ٿي
پوي ته پير ڪهڙي طرف آهن. ڀلا جيڏانهن خدا جو
گهر نه سمجهين، اوڏانهن ڪڍي منهنجا پير ڪر."

جئن ملي ڪاوڙجي صاحبن کي ٽنگن کان گهلي
ڦيرائي ٻئي پاسي ڪيو، تئن ڪعبو به ڦري ان طرف

پر ڪچڪول پرساد دا، ڌرون پتالون لئي ڪٺاهي
ظاهر ڪلا نہ ڇپي ڇپائي."

[وار (١) پؤڙي (٣٦)]

تات پرچ

گورو بابا بغداد ويا ۽ شهر جي ٻاهر پنهنجو ڏيرو ڪيائون. هڪڙا هئا پاڻ اڪال پرک جا روپ ۽ ٻيو ساڻن هو ڀائي مردانو. جڏهن ستگورن بندگي ڪري "ست نام" جي ٻانگ ڏني، تڏهن ٻاڻيءَ جي تاثير ڪري سڀ لوڪ ماٺ ۾ پئجي ويا. لوڪن کي ماٺ ۾ ڏسي پير دستگير حيران ٿي ويو. ڌيان ڪري ڏٺائين تہ هڪ بيپرواهہ فقير اچي سهڙيو آهي. پوءِ پير دستگير وٽن اچي پڇيو تہ "سوامي! اوهين ڪير آهيو ۽ ڪهڙي ڀيک جا فقير آهيو؟" تنهن تي ڀائي مرداني جواب ڏنو تہ "ڪلجڳ ۾ سري گورو نانڪ ديو جن اوتار ڌاري آيا آهن ۽ ٻين سڀني کي رد ڪري هڪ واهگوروءَ کي سڃاتو اٿن. ڌرتي، آڪاس ۽ چئن دشائن جا لوڪ کين سڃاڻن ٿا."

پوءِ پير دستگير ويچارڻ لڳو تہ هي فقير وڏو شڪتيوان آهي. هن بغداد ۾ اچي وڏي ڪرامت ڏيکاري آهي، جو فرمائين ٿا تہ "لکين پاتال آهن ۽ لکين آڪاس آهن." اِها وڏي ڪٺن خبر اُنهن اسانکي ٻڌائي آهي. وري پير دستگير پڇڻ لڳو تہ "سوامي! اوهان جو اِها ڪٺن خبر (يعني لک پاتال ۽ لک آڪاس

آگاسان آگاس!" اهو ٻڌي صاحبن سندس نمدي ٻت کي چيو ته " ٻچا، اڳون پُور." هڪ ڪن ۾ گورو صاحب ڪيس لکين پاتال ۽ آڪاس ڏيکاري آيا. هڪ هنڌان پير جي ٻت کي ڪٽاهه صاحب مليو، جو هو ٻئي هٿ ۾ کڻي آيو. پير کي پوءِ اعتقاد آيو ۽ گورو صاحبن کي وڏو ڪري مڃائين. ڀائي گورداس صاحب ستگورن جي بغداد ڏي وڃڻ بنسبت ٻه سندر پوڙيون رچيون آهن، جي پاٺڪن جي لاڀ لاءِ هتي ڏجن ٿيون:

" بابا گيا بغداد نوُن، باهر جاءِ ڪيتا اَستانا
اِڪ بابا اَڪال روُپ، دوُجا ربابِي مردانا
دتي بانگ نماز ڪر، سن سمان هوئا جاهانا
سن سن نگري پئي، ديکه پير پئا حيرانا
ويکيءِ ڌيان لڳاءِ ڪر، اِڪ فقير وڏا مستانا
پچيا ڦر ڪي دستگير، ڪوُن فقير ڪس ڪا گهارانا
نانڪ ڪل وچ آئيا، رب فقير اِڪو پهچانا
ڌرت آڪاس چهوُن دس جانا.

[وار (١) پوڙي (٣٥)]

پچيءِ پير تڪرار ڪر، ايهه فقير وڏا آتائي
ايٿي وچ بغداد دي، وڏي ڪرامات دکلائي
پاتالا آڪاس لکه، اوڙڪ ڀالي خبر سنائي
ڦير درائڻ دستگير، اسين ٻه ويکان جو تهه پائي
نال لمتا بيٽا پير دا، آکي مهت گئيا ها وائي
لکه آڪاس پاتال لکه، اکه ڦرڪ وچ سڀ دکلائي

۽ ڀائي مرداني جي پٽ سجادي کي ڀاڳ ۾ ساڻ ڪٺي ڪشمير، چين، تبيت ۽ جپان ۾ ويا ۽ ماڻهن کي ڪرتار جي نام جو پرچار ڪندا رهيا. ڪجهه وقت اُتي گذارڻ بعد صاحب لاهور موٽي آيا.

باب ستاويهون

سيٺ دنيچند جو پرسنگ

جڏهن گورو صاحب لاهور ۾ آيا، تڏهن ٻڌي جو مهنو هو جڏهن ۾ سراڌ ٿيندا آهن. سيٺ دنيچند جنهن غريبن کي آزاري گهڻو ڌن ڪٺو ڪيو هو، تنهن پنهنجي پتا جو سراڌ ڪيو هو. سڀني سادن فقيرن کي نمنڊ ڏياري موڪلي هئائين ته ديا ڀالي سراڌ تي ضرور اچجو. صاحبن ڪانسواءِ ٻيا سڀ آيا ۽ ڀوڄن کائي ۽ ڏڪڻا وٺي رمندا رهيا.

سراڌ جي ٻئي ڏينهن سيٺ صاحبن وٽ آيو ۽ ڏوراپو ڏيئي چيائين ته "ٻيا سڀ منهنجي گهران سراڌ کائي ويا. فقط اوهين ئي ڪو نه آيا." صاحبن کانئس پڇيو ته "سراڌ ڪرڻ ڪري ڇا حاصل ٿيندو؟" هن جواب ڏنو ته اُهو منهنجي پتا کي پهچندو. ستگورن پڇيس ته "اُبا، ڀوءِ خبر لڌي اٿيئي ته اُهو ڀوڄن پڻهين کي مليو يا نه؟" تنهن تي سيٺ دنيچند هٿ ٻڌي چيو ته "غريب نواز! اِها خبر ته مونکي ڪانهي ته ڀوڄن بابي کي مليو يا نه. اهڙو سماءُ ته اوهان سنتن کي ئي پوندو."

آهن) معلوم ڪئي آهي، سا اسانکي به ڏيا پالي ڏيکاريو. تنهنتي گورو بابا تنهن جي پٺ ڪي اکيون پورائي اک ڇنڀ ۾ ڪيس لکين پاتال ۽ لکين آڪاس ڏيکاري آيا. ڏرون درگاهه مان ڪڙاهه صاحب جو پيالو پريل تنهن جي پٺ کي مليو. هي پيارا، ستگورن جي ظاهر ڪلا لکائڻ سان به لکي نه ٿي سگهي.

باب چويهون

پنجاب ۾ موٽڻ ۽ مرداني جي چالاڻي جو ذڪر

گورو صاحب هاڻي الهندي جي ملڪن ۾ ڏٺي ۽ جو نام لوڪن کي سڻائي ملتان آيا، جتي پڻ ست نام جو منتر ڏيئي ڪرتارپور اچي پهتا. هتي ڀائي مرداڻو پيڙي ۽ ۽ ٿڪ جي ڪري بيمار ٿي پيو. پڇاڙيءَ جي وقت ڀائي مرداني هٿ جوڙي عرض ڪيو ته "ڏٺي، اوهان جي پرتاپ ڪري منهنجو لوڪ پرلوڪ سڌريو آهي." صاحبن کيس چيو ته "آيا، اسانکي پڌاءِ ته تنهنجي سرير جو ڪانپوهه ڇا ڪجي." ڀائي مرداني هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته "سوامي! جا اوهانجي رضا. مان اوهان جو سک آهيان، تنهنڪري موڪي ڌرتيءَ ۾ پورڻ بدران جل ۾ پرواهه ڪجو." هنجي ديهانت ڪانپوءِ صاحبن سندس مرضيءَ موجب سرير جو سنسڪار ڪيو.

پوءِ صاحب تلونڊيءَ ۾ آيا، جتي ڏناڻون ته ماتا پتا چالاڻو ڪري ويا آهن. ڪرتار جي ڀاڻي تي راضي رهي

ستگورو اسانکي پرلوڪ ۾ وٺندو." تنهن تي گهرواريءَ چيس تہ "سوامي! سڀ پرلوڪ ۾ ڪم نہ ايندي. پيو پدارٿ تہ ٿيو پر ديهي جا همشہ ساٿ آهي، سا بہ هتي رهجي ويندي."

سيٺ دنيچند سڀ ڪٺي موڙي ستگورن وٽ آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ "هي سنت مهاتما! مونکي معاف ڪندا. هيءَ سڀ مان پرلوڪ ۾ توهانکي ڪيئن پهچائي سگهندس!" تنهن تي ستگورن فرمايو تہ "پيارا، جي توکان هيءَ خدمت سڀ سنڀالي نٿي ٿئي، تہ سٺ لک جي تو ڪنا ڪيا آهن، سي ڪيئن ڪٺي سگهندين؟ ابا انهي تن ڪٺي ڪرڻ لاءِ تو سڄي عمر ڏک پاپ ڪيا آهن ۽ ڪيترا ول ڇل ڪيا آهن."

سيٺ دنيچند کي ستگورن جي ڪرپا سان گيان اچي ويو ۽ هو صاحب جو سکيو سک ٿيو ۽ پنهنجي ڪئي ڪيل مايا غريبن غربن جي ڀلي خرچ ڪيائين. پوءِ صاحب لاهور مان ڪرتارپور آيا.

باب اٺاويهون

ڪرتارپور ۾ اچڻ جو ذڪر ۽ پائي لهڻي جون پريکيائون

گورو صاحب هاڻي ڪرتارپور ۾ اچي فقيراڻو لباس لاهي اچا ڪپڙا پائي شهر ۾ رهي ڪرتار جو اپديش ڪرڻ لڳا. هندو کين اوتار ۽ مسلمان ولي سمجهي کين

صاحب فرمايو ته "ٻارا، تنهنجو پتا ٽن والين کان بک جي ڪري عاجز رهيو آهي." سيٺ دنيچند پڇيو ته "سوامي! بابو ڪٿي ويٺو آهي؟" صاحب فرمايو ته "هو هتان ٻهڄڻ ڪوهن جي مفاصلي تي جهنگ ۾ هڪ درخت جي هيٺان بگهڙ جي ديهي ۾ بکايل ويٺو آهي، تون پوڄڻ ڪٽائي اوڏانهن وڃ. انڪان ڪوبه ڊپ نه ڪج." سيٺ دنيچند اوڏانهن ويو ۽ تحقيق هڪ بگهڙ ڏٺائين، تنهن پوڄڻ کاڌو ۽ انهيءَ جي کائڻ شرط ديهي ڇڏيائين.

پوءِ دنيچند اهو ڪوتڪ ڏسي نهايت حيران ٿي ويو ۽ موٽي پنهنجي گهر آيو. اچي ستگورن جي چرنن تي سر نوائي گهڻي سرڌا ڀاري استت ڪرڻ لڳو ته "ديون جا ديو ستگورو سچا پاتشاهه! اوهين سمرٿ آهيو. بابو اوهان جي پرتاپ ڪري مڪت ٿيو. اوهين مونکي پنهنجو داس ڪري سمجهو." ستگورن ڪانئس پڇيو ته "پيارا، هي جيڪي ست جهنڊا تنهنجي بنگلي تي چڙهيا بيٺا آهن، تنهجو مطلب ڪهڙو آهي؟" سيٺ دنيچند هٿ جوڙي جواب ڏنو ته "سوامي، مون وٽ ستن لکن جي ملڪيت آهي. هرهڪ لک لاءِ هڪ جهنڊو کوڙيل آهي." تنهنتي ستگورن کيس چيو ته "آها، هيءَ سئي تون پاڻ وٽ رک ۽ اسانکي پرلوڪ ۾ ڏج." هن سئي وٺي وڃي پنهنجي استريءَ کي ڏني ۽ چيائين ته "هيءَ سئي سوگهي ڪري رکج.

يس گاهه ڪٽڻ جي آڳيا ڪئي. ڀائي لهڻو جهٽ هٽ
جهي ٻڌي بعد مٿي تي رکي ڏيري ڏانهن روانو ٿيو.
اتا سلکڻيءَ ڀائي لهڻي کي همٿن مٽيءَ سان ڀريل ۽
ٿهندو ڏسي صاحبن کي چيو ته "سائين! اوهين غريبن
ذارين جو ڪو به قدر ڪو نه ٿا ڪريو. ڏسو ته سهڻن
هنجا سڀ ڪپڙا خراب ٿي پيا آهن." صاحبن
نهنجي ماتا سلکڻيءَ کي چيو ته "ڀائي لهڻو ڪرتار جو
ارو آهي. هنجا ڪپڙا مٽيءَ سان ڀريل نه آهن، پر
ڪيسر ۽ ڪنگوءَ سان." انهن چئي ڀائي لهڻي کي
ڇاتيءَ سان لاتائون ۽ چيائونس ته "ڀائي لهڻا! اسين
سمجهون ٿا ته توکي اسانکان ڪجهه وڻو آهي. تون
سانجي انگ سان لڳو پيو آهين، تنهنڪري تنهنجو
الو اڄ کانوٺي ڀائي **انگد** آهي. ڀائي لهڻو اهو ٻڌي
خوش ٿيو ۽ سندن چرنن تي مٿو نمايائين.

صاحبن جو ڀائي لهڻي سان اهڙو پيار ڏسي ماتا
سلکڻيءَ کي ڪنڪو جاڳيو ته صاحب شايد گادي ڀائي
لهڻي کي ڏيندا. سو هڪ دفعي پنهنجن پٽرن کي
پاڻسان وٺي اچي چيائين ته "سوامي! اوهين پين سان
پيار ڪريو ٿا ۽ پنهنجن پٽن کي ته پڇو به ڪو نه ٿا."
صاحبن کيس جواب ڏنو ته "اسانکي ڪنهن سان به
ويرورود ڪونهي. پر جنجو من نمرتا ڀاءُ سان ڀريل
آهي تنتي واهگوروءَ جي ڪرپا آهي. ڏس ته مان توکي
اڄي ثابتي ڏيان ٿو." انهن چئي، بابا سريچند کي

مڇڻ لڳا. صاحبن جي سپتني ۽ ٻنهي صاحبزادا ڪهن نمرتا
ڀاو سان مليا ۽ ون اچي رهيا. سندن درسن لاء ڪتان
ڪتان سنگتون ايندیون هيون ۽ سندن پوتر اپديش
سڻي نهال ٿي ويندیون هيون.

ڀائي لهڻو ذات جو کتري ۽ ديويءَ جو اپاشڪ هو.
هو پنهنجي سنگتن سميت ديويءَ جي درسن لاء نڪتو
هو ۽ صاحبن جـي ساراهه ٻڌي ونن درسن ڪرڻ لاء
آيو. هڪڙي صاحبن جي درسن ۽ اپديش مان اهڙو مزو
پراپت ٿيو، جو سنگتن کي واپس ڪري پاڻ وٽن شيوا
۾ لڳي رهيو.

صاحب ڀائي لهڻي جي اهڙي شيوا ڏسي بلڪل
پرسن ٿيا، پر تڏهن به هنجي چڱي پريکيا ورتائون.

هڪ دفعي گورو صاحب ٿي وڏا گاهه جا ڀري گانين
۽ مينهن جي کائڻ لاء ٻڌايا هئا ۽ سندن مرضي ٿـي ته
ڏيري تـي کڻي هلن. پر ڪنهن به شڪ کڻڻ جـي نه
ڪئي، ڇو جو هڪ تـه گاهه هو آلو، ٻيو تـه سڀو هو
مٽيءَ سان ڀريل. ستگوروءَ پنهنجي مريد پٽ، بابا
سري چند کي کڻڻ لاء چيو، پر هن به همت نه ٻڌي،
چي ۽ مونکي پنهنجا نوان ڪپڙا خراب ڪرڻا آهن ڇا؟
تنهنڪري صاحبن پنهنجي ٻئي پٽ، بابا لکميچند کي چيو،
جنهن به کڻڻ جي نه ڪئي، چي: ”سائين! ڪو مزور
اچي نه کڻائي ٿا هلون.“ اهڙي ۾ ڀائي لهڻو اچي سهڙيو
۽ ستگورن کي پيرين پئي هٿ جوڙي بيٺو. ستگورن

ساريءَ سنگت کي اوڏي مهل فرمايو ته ”اسان ڪانپوءِ سري انگد صاحب جن کي اسانجو روپ ڄاڻجو ۽ سندن آگيا ۾ رهجو.“ صاحبن پوءِ سري گورو انگد صاحب جن کي کنڊور ۾ روانو ڪيو ۽ فرمايو ته ”اسين پڻ جلد تو وٽ اچي ايندا سون.“

باب اوڻٽيهون

سري گورو نانڪ ديو جن جو جوتي جوت سمائڻ

تورن ڏينهن ڪانپوءِ سري گورو نانڪ ديو جن ڪنڊور ۾ ويا. سري گورو انگد صاحب جن ۽ سندن ڪٽنب جا ماڻهو ۽ سڀ نگرواسي صاحبن جو درشن ڪري نهال ٿيا. صاحبن اچي ظاهر ڪيو ته اسانکي ڪرتار جو سڏ ٿيو آهي؛ اسين جلد اوڏانهن ويندا سين. موڪلائڻ وقت سري گورو انگد صاحب کين وينتي ڪئي ته ”سچا پاتشاهه! جوتي جوت سمائڻ وقت ديا پالي مونکي پاڻ وٽ اچڻ جي موڪل ڏيو.“ صاحبن فرمايو: ”پيارا، اسين توسان سدائين انگ سنگ آهيون. توکي پاڻمرادو اچي ويتي ئي درشن پيو ٿيندو. تون ڪابه چنتا نه ڪر.“

صاحبن جي جوتي جوت سمائڻ کان تورو وقت اڳي بابا سريچند ۽ بابا لکميچند کين چوڻ لڳا ته ”اوهان گوريائي ته ڏني پرائي لهڻي کي؛ پر اسان لاءِ ڇا تا ڪري وڃو؟“ صاحبن انهنکي ڌيرج ڏيئي چيو ته ”پيارا، جهڙو ڪرتار جو حڪم مونکي مليل هوءِ سو مون پورو ڪيو.

فرمايائون ته "ٻچا، هيءَ مٽي ٻلي ڪنهن گوشائي هنڌ ڦٽي ڪري آءُ." هن جواب ڏنو ته هينئر اوهانجو سپاهه اهڙو ٿي پيو آهي، جو بلڪل خراب ڪم ڪرڻ لاءِ پيا چئو. بابا لکميچند به ساڳيءَ طرح نابر ڪئي. تنهنتي ڀائي لهڻي کي آگيا ڪيائون، جو سنت وچن چئي جهٽ اوڏيءَ مهل مٽي ٻلي کڻي ڪنهن پاسريءَ ڪنب ۾ ڦٽي ڪري آيو. اهڙيءَ طرح گورو جن ماتا سلکڻيءَ کي ڏيکاريو ته پهرين جو لائق ڪير آهي.

هڪڙي پيري سري گورو نانڪ ديو جن جي هٿ مان ڪٽورو ڪري وڃي ڪنهن اولهيءَ کڏ ۾ پيو. صاحبن پنهنجن پٽن کي چيو ته "ڪٽورو کڏ مان ڪڍي اچو." اُنهن جواب ڏنو ته "سائين، اسانجا ڪپڙا ميرا ٿي پوندا. ڪنهن سڪ کي چئي ڪيائي ٿا وٺون." گورو صاحبن ڀائي لهڻي کي چيو ته تون ڪٽورو ڪڍي اچ. ڀائي لهڻو جهٽ اندر کڏ ۾ گهڙيو ۽ ڪٽورو ڪڍي ٻاهر آيو. صاحب بلڪل پرسن ٿيا ۽ ڀائي لهڻي کي گلي سان لڳائي چيائون ته "پيارا، تون ئي اسانجو سچو پٽر آهين، ڇو جو اسانجي آگيا ۾ رهين ٿو."

اهڙيطرح صاحبن ٻيون به ڪيئي آزمائشون ورتيون، جن سڀني ۾ ڀائي لهڻو ثابت قدم رهيو.

تورن ڏينهن ڪانپوءِ صاحبن هڪ وڏي سنگت ڪٺي ڪرائي. پنج پئسا ۽ ناريل ڀائي لهڻي جي اڳيان رکي نمسڪار ڪري ڪمس گاديءَ تي وهاريو. صاحبن

۾ مان گھٽجون لکلھڻون سھان ٿو. نام روپي ڏني جي
سوجھري ڪري دک روپي ٽيل سڪي وڃي، ٿو، يعني
دک ناس ٿين ٿا ۽ جم جي پيڙا ناس ٿئي ٿي. ھي
لوڪا! مھنجي پنيان مٿان ڪو ھڪيڙو ڪريو. جنھن باھ
جي ھڪ چڻنگ ڪاٺين جا ڍيڳ ساڙيو ڇڏي، تنھن نام
پاپن کي ساڙيو ڇڏي. ھي پاٺ، "ڪيشو ڪمشو"
اُچارڻ مھنجي پنڊ پتل آھي ۽ ڪرتار جو سچو نام جپڻ
مھنجي ڪريا آھي. ھن لوڪ ۾ ٽوڙي پرلوڪ ۾ نام ئي
مھنجو آڌار آھي. مھنجي لاءِ پرماتما جو جس ڳائڻ
گنگا ۽ بنارس جي تيرٿن تي اشنان ڪرڻ آھي. سچو
اشنان تڏھين ٿئي ٿو، جڏھن ڏينھن رات پرماتما سان
پيار ٿئي ٿو. ھڪڙا پنڊ پترن کي آڇجن ٿا ۽ پيا ديوتائن
کي. براھمڻ پنڊ پرائي پوڄن کائين ٿا، پر ھريءَ جي
ڪرپا جو پنڊ ڪڏھين به کٽي ڪونه. (پاو-ڪن شاسترن
۾ لکيل آھي ته فلاڻي فلاڻي شيءِ ڏيڻ سان پترن کي
ھترو نه ھترو وقت ترپتي ٿيندي، پر ھميشه لاءِ
ترپتي ،، ٿيندي.) گورو صاحب فرمائن ٿا ته نام جپڻ
ڪري جو بخشش جو پنڊ ھٿ اچي ٿو، سو ڪڏھن کٽڻ جو نه
آھي يعني اھو دائمي ترپتي ڏيڻ وارو آھي، تنھڪري
پيا پنڊ ڇڏي بخشش جو پنڊ ھٿ ڪجي.

سري گورو نانڪ ديو جن ١٠، آسو سنبت ١٥٩٥ برابر
١٥٣٨ع جوتي جوت سمايا. جوتي جوت سمائڻ کان
ٿورو اڳي سڀني ڪٽنب جي ماڻھن ۽ مڙن پانڌن رئو.

هاٺي اوهين جهڪڏهين اُن ڪرتار تي پورو پروسو رکندو نه اوهانکي ڪاڏي؟ ڪپڙي جي ڪا پرواهه نه رهندي؛ پر اوهانکي ڪرتار؟ گوروءَ تي وشواس رکڻ گهرجي."

تنهن ڪانپوءِ سنگت پڇيو ته "ستگورو، اوهانجي پنيان کهڙي ڪريا ڪرم ڪرڻ گهرجي؟" گورو صاحب کين اُتر هيٺئين شبد ۾ ڏنو:-

راڳ آسا محلا پهلا شبد (٣٢)

(١) ديوا مهرا ايڪ نام، دک وچ پائيا تيل
اُن چانڻ اوهه سوکيا، چوُڪا جم سڱ ميل
لوڪا مت ڪو ڦڪڙ پاءِ، لک مڙئا ڪر اڪٺي،
ايڪ رتي لي باهه (اِڪ رهاءُ)

(٢) پنڊ پتل ميري ڪيسڱ ڪريا، سچ نام ڪرتار
اَئتي اوتي آگئي پاڇي، ايهه ميرا آڌار

(٣) گنگ بنارس صفت تماري، ناوئي آتم راءُ
سچا ناوڻ تا ٿيئي، جان اُهه نس لاگي پاءُ

(٤) اِڪ لوڪي هور ڇمڇري، براهمڻ وٽ پنڊ کاءُ
نانڪ پنڊ بخشش ڪا، ڪبهون نکوٽس ناهه.

هن شبد ۾ صاحب پنهنجي ديهانت بابت جا ڪريا ڪرم ڪرڻ گهرجي، سا کولي ٻڌائين ٿا. گورو صاحب النڪار ڏئاران سڀ ڪريا هن طرح ڪٿن ڪن ٿا ته "منهنجي لاءِ ڏيو هڪڙو پرماتما جو نام ئي آهي. اُن ۾ مان دک روپي تيل وجهان ٿو يعني سڀ مارگ تي هلڻ

ٻاهي ٻاهه اُساري آئي، حڪم سوارڻ هارو
جو تس ڀاوي سمرت سو ٿيندي، هيلڙا ايهه سنسارو.
(٤) نانڪ رنا بابا جاڻيئي، جي رووي لاءِ پيارو
والهوي ڪارڻ بابا روئيئي، رووڻ سگل بڪارو
رووڻ سگل بڪارو، غافل سنسارو.
مائنا ڪارڻ رووي
چنگا مندا ڪڇ سُوجهي ناهي، اِهه تن اپوي کووي
اُنٿي آئنا سيڪو جاسي، ڪُوڙ ڪرهه اُهنڪارو
نانڪ رنا بابا جاڻيئي، جي رووي لاءِ پيارو.

نوٽ - الاهڻيا جي معنيٰ آهي پار يا سياپا. جنن
سانوت سنڌ ۾ پراڻي جي مرتيوءَ ڪانپوءِ سندس مائٽ
هريان ڏي ڏينهن سياپا ڪندا هئا، لئن شايد پنجاب
۾ صاحبن جي ڏينهن ۾ رواج هو. صاحبن کي اُهي سياپا
سند نه هئا. تنهنڪري صاحبن پنهنجن مائٽن کي پرپوڏ
لو ته اسانجي جولي جوت سمائڻ وقت هي الاهڻيا
سياپا) ڪجهو ۽ ڪرتن سوهلو ڳائجو.

ٿات پرج

(١) ڏن آهي اُهو سرجڻهار سچو پاتشاه، جنهن
اري جڳ جي جيون کي پنهنجي پنهنجي ڏنڌي ۾
ڳائي ڇڏيو آهي. جڏهين سواسن جو ماپو پورجي رهي
و يعني سواس جي هن جهان ۾ ڪٽڻا هئا، سي جڏهن
ورا ٿين ٿا، تڏهن آيو ختم ٿئي ٿي ۽ هن جيو کي جم

صاحبن اُنهنکي پربوڌ ڏيڻ لاءِ هيٺيون مهاسندر شبد اُچاريو:-

راڳ وڏهنس محلا پهلا گهر پنجوان الاهڻيئا

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

(۱) ڌن سرندا سچا پاتشاهه، جن جگ ڌندڙي لائئا
مهلت پني پائي پري، جانيڙا گهت چلائئا
جاني گهت چلائئا، لکئا آئئا، رني وير سبائي
ڪائئا هنس ٿيئا وڇوڙا،
جان ڏن پني ميري مائي
جيها لکئا تيها پائئا، جيها پرب ڪمائئا
ڌن سرندا سچا پاتشاهه، جن جگ ڌندڙي لائئا.

(۲) صاحب سمرهه ميري پائيهو، سڀنا ايهه پئاڻا
ايٿي ڌندا ڪوڙا چار ڏها، آگي سر پر جاڻا
آگي سر پر جاڻا، جئن مهماڻا،
ڪاهي گارب ڪيجي
جت سيوي درگهه سک پائيئي، نام تسي کا ليجي
آگي حکم نه چلي مولي، سر سر ڪئا وهائئا
صاحب سمرهه ميري پائيهو، سڀنا ايهه پئاڻا.

(۳) جو تس ڀاوي سمرٿ سو ٿيئي، هيلڙا ايهه سنسارو
جل ٿل مهيئل رو رهئا، ساچڙا سرجڻ هارو
ساچا سرجڻ هارو اَلک اَپارو، تاڪا اَنت نه پائئا
آئئا تنڪا سڦل پئئا هيءَ، اِڪ من جني ڌيائئا

سڱلو نہ اچڻ اُنهن پرشن جو ٿي آهي، جن ايڪاگر ٿي
ن سڀ سرجڻهار کي ڏٺو آهي. ٻاهي نہ، پريو پاڻ
و. هنجي حڪم موجب جيڪي هلن ٿا، تنکي هو
ڪي رکي ٿو. هي پيارا، جيڪي هن سمرٿ سروشڪتيوان
ر مالڪ کي وڻي ٿو، سو ئي ٿئي ٿو.

(۴) هي پيارا، جيڪي پريم وچون روئن ٿا، تنجو
وئڻ ئي سڄايو آهي، پر جيڪي دنيوي پدارٿن لاء ٿا
وئن، تنجو روئڻ وئرٿ آهي. اُنهنجو روئڻ سڀ پڇ
ئرٿ آهي، سنسار جي ماڻهن کي پريو ياد ڪونهي،
هي مايا لاء روئن ٿا. اُنهنکي چڱي مٺي جي پوڄه
ڪانہ ٿي پوي ۽ هو پنهنجي امولڪ جيوت ائين ئي
ت ڪن ٿا. هي پائرو! جيڪو هتي آيو آهي، تنهنکي
ستان ضرور وڃڻو پوندو. دنيا جا جهو ڪوڙ ۽ اهنڪار
ڪن ٿا نہ هي نہ منهنجو، هو نہ منهنجو. هي پيارا،
يڪي پريم وچون روئن ٿا، تنجو روئڻ ئي سڪيارٿو آهي،
صاحبن جي جوٿي جوت سمائڻ ڪانپوء هندن ۽
سلمانن جو پاڻ ۾ تڪرار ٿيو. هندو چون ٿا تہ ستگورو
سانجا گورو آهن، تنهنڪري اسين اگني سنسڪار
ڪنداسون ۽ پر مسلمان چون تہ ستگورو اسانجا پير آهن،
نهنڪري مسلمانن جي رواج موجب ڪين پورڻ گهرجي.
هي ڏرين جو ٿيڻو هلندو آيو. ٿوري دير ۾ اُنان هڪ
وڃين جي ٽولي اچي لنگهي، جن ڪاڻهن معاملي جو
سب پڇيو. ٻنهي ڌرين پنهنجي پنهنجي ڳالهہ ڪري

دوت پڪڙي وٺي وڃن ٿا. جڏهين لکي موجب جم
دوت جمن کي پڪڙي وٺي وڃن ٿا، تڏهين آتما جو
ديهي ۽ کان وڇوڙو ٿئي ٿو. پورب جي ڪرمن موجب
جيڪو دک سک هي جمن لکائي آيو آهي، سو ئي پوڳي
ٿو. ڏن آهي اهو سرجڻهار سچو پاتشاهه، جنهن ساري
جڳ جي جيون ڪسي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي
ڇڏيو آهي.

(٢) هي منهنجا پائرو! اوهين مالڪ کي ياد ڪريو،
ڇو جو سڀني جو اوڏانهن ڪوچ آهي. هتي جا ڌنڌا
ڪوڙا، چئن ڏينهن جو چٽڪو آهي، پر پرلوڪ ۾
ضرور وڃڻو آهي. جڏهن وڃڻو به ضرور آهي ۽ اسين
هتي فقط ڪجهه وقت لاءِ مهمان آهيون، تڏهن هٺ
ڇو ڪريون؟ هي پائي، اهي صاحب جو نام سمريو،
جنهنجي شيوا ڪري اوهانکي درگاهه ۾ مان ملي. اٿي
اوهانجو ڪو به حڪم هلي نه سگهندو. اٿي سڀڪنهن
کي پنهنجن ڪمن جو حساب ڏيڻو پوندو. هي منهنجا
پائرو! تنهنڪري اوهين مالڪ کي ياد ڪريو، ڇو جو
سڀني کي اوڏانهين وڃڻو آهي

(٣) هي پيارا، جيڪي هن سمرت، سرو شڪتيوان
پرماتما کي وٺي ٿو، سو ئي ٿئي ٿو. هي ۽ جڳ نه دک
روپ آهي. اهو سچو سرجڻهار جل ۾، ٿل ۾، زمين ۽
آسمان ۾ مطلب ته سڀڪنهن هنڌ رمي رهيو آهي. هو
سچو سرجڻهار الک، اپار ۽ بي انت آهي. هن سنسار ۾

تو تہ سارو سري گورو گرنٿ صاحب سندس ٽڪا
آهي. صاحبن جي ٻي واڻيءَ مان ٻہ ڪي پرماڻ ورتا
ويا آهن. سري جپ صاحب جي پهرينءَ ئي پوڙيءَ ۾
سوال اُٿيو آهي " ڪِوَ سچيارا هوئيءِ، ڪو ڪوڙيءَ
ٽٽيءِ پال" يعني تہ ڪيئن ٿي جيوُ پرماتما سان "سچيار"
ٿي؟ ڪيئن ڪوڙ جي ڀِت ڀڄي يعني هي سنسار
ساگر کان ڇُٽي پار پوي. اِنهيءَ جو اُتر ستگورن ٿيءَ
ڏنو آهي:

" حڪم رضائي چلڻا، نانڪ لکيا نال "

يعني واهگوروءَ جي حڪم تي راضي ٿي هلڻ گهرجي
اِهو حڪم اسان سان انگ سنگ آهي. پاڻي ۾ پئل
هڻ ٻنا، جي جي ڪرم ٿيءَ جيوُ ڪري تو، اُهرت،
جپ، مون ڌارڻ، شاستر وديا گرهڻ ڪرڻ وغيرہ، سي اُلٽو
سجهس اهنڪار پيدا ڪري، پرمانند جي پراپتيءَ کان
ٻيس رهت ڪن ٿا. اُنهيءَ بابت صاحبن ٻهرين پوڙيءَ
بلڪل چڱيءَ طرح پربود ڏنو آهي؛ ٻہ ڇهين پوڙيءَ
فرمائين ٿا:

رت ناوا جي تس ڀاوا، وڻ ڀاڻي ڪ ناءِ ڪري
جهنجو ارت آهي تہ جي هنڪي يعني پرماتما کي
تان تہ گويا مون تيرٿن تي اشنان ڪيو. پرماتما جي
ٿي ڪانسواءِ اشنان ڪري مان ڇا ڪندس؟ پاڻي ۾ پيو
هڻ؛ اِهائي پريکيا سچن گيانين جي آهي. جي جتي
ٽي، تپي، موني، سنياسي، برهمچاري اِهو لِڇڻ نٿا

بڌائي، لڇمڻي جوڳين جي مهنت ڇهو ته ”ابا، چادر
ڪڍي اسانکي به ته درشن ڪرايو.“ مهنت جي چوڻ تي
جان چادر مٿي ڪڍي ڏسن ته گلن ڪانسواءِ ٻيو ڪي ب
ڪونهي! پوءِ ٿورا گل کڻيا هندن ۽ ٿورا کڻيا مسلمانن
۽ چادر به اڌو اڌ ڪري ڪٽيائون. هندن اڌ چادر ڪي
ساڙي راوي نديءَ تي سماڌ ٺاهي؛ مسلمانن انجي لڳ
لڳ اڌ چادر کي پوري هڪ مقبرو ٺهايو. پر اڪال پرک
کي اها ڳالهه پسند نه پيئي ته ڪو نرنڪم گورو ٻنهنجي
نيان سماڌ ۽ قبر جي وسيلي پوڄيو وڃي. انهيءَ ڪري
راوي ندي اهڙي چڙهي، جو ٻنهي کي لاهي ڇڏيائين.
هينئر اُن هنڌ تي گوردئارو موجود آهي، جتي سال بسال
جوٽي جوت سمائڻ جي پورب ڏينهن ملهائڻ لاءِ وڏو
ميلو لڳندو آهي. اهو گورداسپور ضلعي ۾ راوي نديءَ
جي ڪناري تي آهي.

باب ٽيهون

سري گورو نانڪ ديو جن جا اُصول

سري گورو نانڪ ديو جن جي جيون چرتن مان پاٺڪن
کي يقين ٿيو هوندو ته ستگورن اسان اَگياني جيون کي
سنسار ساگر مان پار اُتارڻ لاءِ اوتار ڌاريو. صاحبن جي
واڻيءَ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته سندن اُپديش جو
مختصر ناٽ پرچ ڏجي. هي ناٽ پرچ گهڻو ڪري سري
جپ صاحب تي ٻڌل آهي، جنهن بابت چوڻ ۾ اچي

مطلب تہ ڪيترن کي ڏکہ ۽ بکہ جي مار پيئي پوي ٿي. پر هي داتار اها بہ تنهنجي دات آهي. هن وچن مان صاف آهي تہ اهو اسانجو اعتقاد هئڻ گهرجي تہ جيڪي ڀڳوان ڪري ٿو، سو سڀ اسانجي ڀلي لاءِ آهي؛ هر هڪ ڏکہ مان اسانکي ڪونہ ڪو سبق ملي ٿو، مطلب تہ ڏکہ کي مٺو ڪري ڀوڳجي. سچي سکہ لاءِ سکہ توڙي ڏکہ، ٻئي هڪجهڙا آهن. جيڪڏهين ڏکہ اچي تہ من کي اهڙو اڏول رکي ۽ شڪرگذاريءَ وچان چوي، "ايهہ بہ دات تيري داتار". من کي جيتي ايمان ڪري رضا تي راضي آهي رهي سگهندا، جنجو ايشور سان سچو پريم آهي ۽ جي سدا هنجي مهما ورنن ڪندا رهن ٿا. پنجين پوڙهيءَ ۾ صاحبن فرمايو آهي:

گاوڻي سڻيئي من رکيئي ڀاءُ،
دکہ پر هر سکہ گهر لئي جاءِ

يعني جنم مرڻ جي ڏکہ کان ڇٽي، پرمانند جي پراپتي آهي ئي پائي سگهن ٿا، جي سچو پريم ڌاري پرماتما جو نام سڻن ٿا ۽ ڳائين ٿا. پريم جاڳائڻ لاءِ آگما ڪئي اٿن:

امرت ويلا سچ ناءُ، وڏائي ويچار

امرت ويلي نام جپڻ ۽ پرماتما جي سندر گڻن جو ويچار ڪندي هن جهو کي اهڙي تقويت اچي ٿي وڃي، جو هو سائينءَ کي وڏو سمجهي، پاڻمرادو

ڏيکارين ، سي پوريءَ منزل تي پهتل نه آهن. ڪئين پيارا ، جن انهت نِرت ڪيا هوندا ، جن انيڪ شاستر سوڌيا هوندا ، جن ڪئين تپشائون ڪيون هونديون ، اهي به اهنڪار جي اهڙي چڪر ۾ ٿا اچو وڃن ، جو پنهنجي ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏين. اهنڪار کان ڇٽڻ لاءِ ٻي پوڙيءَ ۾ صاحبن فرمايو آهي :-

نانڪ حڪمي جي ٻجهيءِ ، ته هومئ ڪهيءِ نه ڪوءِ

اهنڪار نورت ڪرڻ يعني پاڻ مان آپا ڀاءُ ڪيڻ ئي سنسار ساگر کان ترڻ لاءِ هڪ مول ساڌن آهي. گورو صاحبن سري جپ صاحب جي پوڙي (٢٨) ۾ پاڻ فرمايو آهي :-

آئي پنٿي سگل جماتي ، من جيتي جگ جيت

جنهنجو مطلب آهي ته سچا آئي پنٿي يعني آتم ۾ آتم جوڳي اهي آهن ، جي سڀني جيون کي هڪجهڙو سمجهن ٿا ؛ من مارڻ سان ئي سنسار ساگر مان ڪٽي هلن ٿا. (من مارڻ جي معنيٰ آهي ته من کي سڀني وڪارن کان آجو ڪري هڪ واهگوروءَ جي چرنن ۾ استر ڪرڻ.) اهڙن جيون جي ورتي اهڙي آتم نشي ٿي ، جو هر ڪو دک ايشور جي دات سمجهي انگي منو ڪري ڀوڳين ٿا.

ڪيتا دُک ٻُک سدمار ، ايهه ڀه دات تيري داتار

[سري جپ صاحب]

گاوهہ ايسر برما ديوي، سوهن سدا سواري
گاوهہ اِند اندا سرط بهني، ديوتا در نالي

گورو صاحب جن فرمائن ٿا ته اسان جيون جو نيتارو نڌهن ٿيندو، جڏهن هڪ پرماتما جو نام سچي ڀاو سان جپبو ۽ اُنجي حڪم تي راضي رهبو. پر هيءُ جيو اِنهي سچي مارگ ڪان ٻاهري وڃي ڪريا ڪرمن، تيرٿن ياترائن، ورتن پاٺن ۽ بيڪن ورتن ۾ غلطان ٿيو آهي ۽ سمجهي ٿو ته اُنهن مان ئي منهنجو ڇوٽڪارو ٿيندو. گورو صاحبن جا وچن آهن ته جيسين پرماتما لاءِ پريم نه هوندو تيسين جپ، تپ، ورت، نيم، اشنان وغيره، ڪنهن به ڪم جا نه آهن. پرميشور کي پريم سان ئي ريجهائي سگهجي ٿو، پر نه ڪنهن ٻيءَ چترائيءَ سان. لوڪ سمجهن ٿا جي تيرٿ ياترا ڪبي، ورت نيم رکبا، پاٺ پوڄائون ڪبيون ۽ يگيه هوم ڪبا، ته پاپ نورت ٿي ويندا ۽ مڪتي پراپت ٿيندي؛ پر اِنهن ڳالهين ۾ پرو سو رکڻ وڏو ڀرم آهي. جيسين من نرمل نه ٿيو آهي، تيسين تيرٿن تي اشنان ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ صاحب فرمائين ٿا :-

” تيرٿ ناتا ڪيا ڪريءَ، من مهه مئل گمان “
[سري راڳ محلا پهلا اشٽپدي (١٢)]

اُنجو مطلب آهي ته هي جيو، تيرٿن تي اشنان ڪري ڇا ڪندو، جيسين هنجي من ۾ هومئي جي ميل آهي.

اُنهيءَ جي حڪم تي راضي رهي ٿو ۽ سدائين اهڙي اوچي صاحب اڳيان آديس ڪندو رهي ٿو.

هاڻي چٽيءَ طرح معلوم ٿي چڪو هوندو ته گورو صاحبن جو پهريون اصول آهي ”رضا تي راضي رهڻ“ اِهو اُصول آهي، جو هر ڪنهن پراچين ڌرم جو بنياد آهي. سري ڪرشن مهراج جي گيتا جي سکيا، سري رامچندر جو خوشيءَ سان بن ۾ وڃڻ، حضرت عيسيٰ جو "Thy will be done" يعني جا جوڙين سا واهه واهه، اِنهيءَ اُصول تي زور رکڻ ۽ حضرت محمد صاحب جو پنهنجي دين جو نالو اسلام رکڻ يعني (رضا تي راضي رهڻ) اِهي سڀ ڏيکارين ٿا ته اهو اُصول سچي رستي جي پهرين پوڙي آهي ۽ صاحبن انهي پهرئين ڏاڪي جو تت هڪ ”واهگورو“ لفظ ۾ رکيو آهي جنهنجو مطلب آهي ته هي گورو! جا جوڙين سا واهه واهه!

سري گورو گرنٿ صاحب ۾ سچي پاتشاهه گورو نانڪ ديو جن هڪ ڪرتار جي ڀڳتيءَ جو اُپديش ڏنو آهي. سري جپ صاحب جو پهريون ئي لفظ آهي ”ايڪ اونڪار“ يعني پرماتما هڪ آهي. اسان مان ڪي برهما کي، ڪي شو مهراج کي، ڪي وشنوءَ کي، ڪي ديويءَ کي، ڪي ديوتائن کي پرماتما ڪري سمجهندا آهن. سو گوروجن فرمائن ٿا ته خود اِهي شو، برهما، ديوي، اِندر ۽ ٻيا ديوتائون به هڪ پرماتما جي مهما پيا ڳائن :-

گھڻئي پيارا چڱي ڀاو سان پرمارٿ جي مارگ ۾ گھڙن ٿا، پر پوءِ ڀلجھو وڃيو ڪريا ڪرمن ۾ اٽڪن ۽ سچي پرماتما جي ڀڳتيءَ کان نراس ٿيو پون. انهيءَ کان بچڻ لاءِ ستگورن گوروءَ جي ضرورت ٻڌائي آهي. صاحب سري آسا دي وار جي پوڙيءَ (٦) ۾ فرمائين ٿا:

ٻن ستگور ڪنهي نه پائيو، ٻن ستگور ڪنهي نه پائيا
ستگور وچ آپ رکيون، ڪر پرگٽ آکِ سڻائيا
ستگور ملئي سدا مڪت هئي، جن وچهُ موهه چڪائيا
اُتم ايهه ٻيچار هئي، جن سچي سِئُ چت لائيا
جگ جيون داتا پائيا.

اُنجو ڪات پرچ هيءُ آهي ته ستگوروءَ بنا، نه ڪنهن پريوءَ کي اڳي پاتو آهي، نه ڪو هاڻي پائي سگهندو. پرماتما ستگورن ۾ ئي وسي ٿو، جي لوڪن کي سندر اُپديش ڏيئي، سندن مهڙ پريوءَ ڏي ڪن ٿا. ستگوروءَ جي ملڻ سان ئي سدائين مڪتي ٿئي ٿي، ڇو جو هو پنهنجي ڪرپا سان اسانجي اندر مان موهه ڪڍي ڇڏين ٿا. اها ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي ته جنهن ستگوروءَ سان دل رکي آهي، تنهن ئي جڳ جي جيون داتا کي پاتو آهي.

سري گورو نانڪ ديو جن جي مکيه اصولن مان هڪ اهو آهي ته جوءُ سڪرمن ڪندي، نام جپيندي، ڀڳتي

اهڙيءَ طرح ٿورن پستڪن ۾ جيڪي لکيل آهي، ان تي پورو ويچار ڪري ان موجب نه هلبو ته رڳو پڙهڻ مان ڇا وربو؟ صاحب فرمائين ٿا :-

” پڙهيو جيتي آرجا، پڙهيو جيتي ساس
نانڪ ليکيءِ اِڪ گل، هور هؤميءِ جهکڻا جهاک.“

[آسا دي وار پؤڙي (۹)]

يعني ته ساري عمر هيءُ جيو پستڪن پڙهڻ ۾ ڪٽي لڳائي ۽ هردم پيو پستڪ پڙهي، ته به اُن مان ڪجهه ورڻو نه آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ليکي ۾ ته فقط نام جي هڪ ڳالهه ايندي، بيو ته اجايا هؤمي جي ڪري جهک مارڻا آهن.

ساڳيءَ ريت ورت نيم رکي سرير کي سڪائڻ ۽ تپشائون ڪري بدن کي ڪشٽ ڏيڻ مان ڪجهه به نه ورائبو. هڪ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ بنا ڀرم سڀ جي آس رکڻ اَجائي آهي. هڪ نام ئي موکيه جو ساڌن آهي. صاحب فرمائين ٿا :-

هر ناميءِ تل نه پڄئي، جي لک ڪوٽي ڪرم ڪماءِ

[سري راڳ محلا پهلا اشٽپدي (۱۴)]

يعني جي لکين بلڪ ڪروڙن ڪرم ڪٽي جيو ڪري، ته به اُهي هريءَ جي نام برابر نه ٿيندا. مطلب ته نام سڀني کان وشيش آهي.

ڪندي پوري منزل تي پهچي ۽ پاڻکي غريب ۽ مسڪين سڏائي. جنهن سري آسادي وار جي پوڙي (٢٠) سلوڪ (٢) ۾ فرمايو آهن:-

جن پت اندر باهر گدڙ، تي پلي سنسار.

ست سري اڪال

ولائت جي مشهور

ڪارٽرائيٽ ڪمپنيءَ

جو

گرائيپ مڪسچر

ننڍن ٻارن جي ڏندن جي تڪليف، بدهاضمو، دست، الٽيون، قت قت ڪيڻ، پيٽ جي خرابي وغيره کي دور ڪرڻ لاءِ ۽ انهن جي تندرستي ڏاهڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ آزمايل **ڪارٽرائيٽ** جو گرائيپ مڪسچر هڪ ئي علاج آهي.

هر هڪ شيشيءَ ۾ هڪ خاص عمدو رجسٽرڊ نموني جو ڇپيو پيل آهي. نقلي مال کان پاسو ڪريو.

پارڪوفين مشهور جلاب جون چاڪليٽون کهڙيءَ ۽ سخت قبضيءَ لاءِ فائديمند آهن. نڪو پيٽ ۾ وٽ وجهن نڪو عادت پيدا ڪن.

هر ڪنهن شهر لاءِ هوشيار ايجنٽ گهرجن. لکپڙه ڪريو.

J. PARKAR & CO.

Parkar House, KANPUR.

Sole Agents for:-

W. B. CARTWRIGHT, LTD.

Leeds-England.